ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) اربع 14 آڪٽوبر 2026ع 2 جمادي الاول 1448ھ صفحا 6 - ملھہ 30 روپيہ شمارو (60)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Thursday 14th October 2026
Daily Ibrat Karachi

دهشتگردي خلاف هڪ ئي ملڪ ۾ به مختلف پاليسيون نٿيون ٿي سگهن، آئين، قانون ۽ نظام سڀ هڪ آهن: وفاقي حڪومت

گذريل 6 سالن ۾ دهشتگردي جي واقعن ۾ 11 سيڪڙو اضافو ٿيو. 2025ع ۾ دهشتگردي جا 3774 واقعا رپورٽ ٿيا. سيپٽمبر 2026ع تائين هلندڙ سال دوران 2857 واقعا پيش اچي چڪا آهن

اهي وسيلا دهشتگردي جي خاتمي جي ادارن، سيف سٽي ڪئمپرائن، فرانزڪ ليبارٽرين ۽ پوليس کي جديد اوزارن جي فراهمي تي خرچ ڪيا ويا. خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردي سبب پوليس کي وڏو جاني نقصان ٿيو

صوبي ۾ حڪمراني ۽ بنيادي عوامي خدمتن جي فراهمي جو نظام بري طرح متاثر ٿيو. خيبرپختونخوا جي نئين مشاورتي ڪائونسل ۾ دهشتگردي جو ڪو همدرد نہ آهي: وفاقي وزير اطلاعات عطاءُ الله تارڙ

اسان جي رڳو هڪ غيرسياسي ايجنڊا هئي تہ دهشتگردي جي خلاف متحد ۽ متفق پاليسي اختيار ڪئي وڃي، پي ٽي آءِ پنهنجو مارچ جاري رکي سگهي ٿي ۽ پنهنجا ٻيا سياسي مطالبا بہ پيش ڪري سگهي ٿي

هڪ طرف پاڪستان افغانستان بابت سفارتي ڪوششون ڪري رهيو آهي ۽ دهشتگردن جون محفوظ پناهگاهون ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪير تہ ٻئي طرف صوبائي حڪومت جي عبوري افغان حڪومت بابت جدا پاليسي رهي

صوبي ۾ سياستہ دهشتگردي ۽ ڏوهن جي وچ ۾ گٺ جوڙ موجود هو. ڪلٽين جي ڪرڻائي، معدنيات ڪاٺ، تماڪ، سون ۽ قيمتي پٿرن جي واپار جو جائزو ورتو وڃي تہ سرحد پار اسمگلنگ جاري نظر اچي ٿي يا نہ

دهشتگردي جي سرگرمين ۾ نمايان اضافو ٿيو آهي جڏهن تہ دهشتگردي کي منهن ڏيڻ جي لاءِ قومي ماليات ڪميشن جي ذريعي خيبرپختونخواهہ حڪومت کي هيستائين اٽڪل 800 ارب رپيا فراهم ڪيا ويا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي تہ دهشتگردي جي خلاف هڪ ئي ملڪ ۾ بہ مختلف پاليسيون نٿيون ٿي سگهن، وفاقي حڪومت خيبرپختونخواهہ ۾ دهشتگردي جي خاتمي جي لاءِ پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) ۽ صوبائي حڪومت سان ڪيترائي ڀيرا ڳالهہ ٻولهہ جي ذريعي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: مڪ معاهدي تحت قائم ٿيندڙ سيڪريٽريٽ جو پهريون ڊجيز ڪيل سيڪريٽري جنرل ليفٽيننٽ جنرل (ر) نعمان محمود صدر آصف علي زرداري سان ملاقات ڪندي

ٿائي وزير جي سعودي فنڊ جي چيف ايگزيڪيوٽو سان ملاقات، واپار ۽ ترقياتي تعاون تي ڳالهيون

بنڪاڪ (اي پي پي) ٿائي ۽ محصول واري بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سعودي ولي عهد سان اردن جي شاهہ جو رابطو، مملڪت خلاف حوثين جي حملن جي مذمت

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي ولي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪراچي کان پشاور ويندڙ رحمان بابا ايڪسپريس سان ملتان ۾ خوفناڪ حادثو، ٻارڙي سميت 7 مسافر فوت، 50 کان مٿي زخمي

رحمان بابا ايڪسپريس ملتان ۾ شير شاهہ پل ويجهو هڪ خوفناڪ حادثي جو شڪار ٿي وئي، پوري ٽرين پٽڙي تان لهي وئي ۽ ڪيترين ئي ٻوگين اونڌيون ٿي پيون

نتيجي ۾ هڪ ڏيڍ سالن جي ٻارڙي ۽ عورتن سميت 7 ڄڻا فوت ٿي ويا، واقعي ڪانپوءِ امدادي رضاڪار ۽ پاڪستان فوج جون امدادي ٽيمون بچاءُ واري ڪارروائي لاءِ واقعي واري هنڌ پهچي ويون

حادثي ۾ 50 کان وڌيڪ زخمي ٿيل مسافرن کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو، ڪجهہ جي حالت ڳڻتيءَ جوڳي ٻڌائي وئي، اسپتال ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي: ترجمان نشتر اسپتال

وفاقي وزير ريلوي محمد حنيف عباسي جانين ويڃائيندڙ مسافرن جي خاندانن سان تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو، زخمي مسافرن کي طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ بهترين انتظام ڪيا وڃن: وزير ريلوي

روهڙي ويجهو رحمان بابا ايڪسپريس جي ڪوچ نمبر 9 جا نٽ ۽ بولٽ مرمت ڪيا ويا هئا، واقعي وقت ٽرين تيز رفتار سان هلي رهي هئي، حادثي جو ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ ريلوي وزير جاچ ڪميٽي قائم ڪري ڇڏي

امدادي ڪارروائين کي تيز ڪيو وڃي ۽ زخمين کي هر ممڪن طبي امداد فراهم ڪئي وڃي (انتظاميا کي هدايت) ٽرين جي پٽڙي تان لهڻ جي سببن جو تعين ڪرڻ لاءِ پڻ جاچ جاري

ملتان (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڪراچي کان پشاور ويندڙ رحمان بابا ايڪسپريس ملتان ۾ شير شاهہ پل ويجهو هڪ خوفناڪ حادثي جو شڪار ٿي وئي، پوري ٽرين پٽڙي تان لهي وئي ۽ ڪيترين ئي ٻوگين اونڌيون ٿي پيون، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڏيڍ سالن جي ٻارڙي سميت ست ساٿهو فوت ٿي ويا، جڏهن تہ زخمين جو انگ 50 کان وڌي ويو آهي، فوتين جو انگ وڌڻ جو بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ملتان: ڪراچي کان پشاور ويندڙ رحمان بابا ايڪسپريس جا ڏٻا پٽڙي تان لهڻ سبب هيٺ پيل آهن ٻئي طرف امدادي ڪارروايون ڪيون پيون وڃن جڏهن تہ ٻچيل مسافر پنهنجو سامان کڻي وڃي رهيا آهن

صدر پاران ٽرين حادثي تي ڳڻتي، سبب ڄاڻڻ لاءِ شفاف جاچ جي هدايت

فوت ٿيل مسافرن جي خاندانن سان دلي تعزيت، زخمين کي طبي سهولتون ڏيڻ جو حڪم

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

رحمان بابا ايڪسپريس جي حادثي سبب ڪراچي کان راولپنڊي ويندڙ ٽرينن جو شيڊول متاثر

ملتان (ھ د) رحمان بابا ايڪسپريس جي حادثي سبب ڪراچي کان راولپنڊي (پنڊي) ويندڙ ٽرينن جو شيڊول متاثر ٿيو آهي ۽ ٻين ٽرينن کي متبادل رستن ذريعي روانو بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم رحمان بابا ايڪسپريس حادثي جو نوٽيس ورتو، رپورٽ طلب

ريل جي حادثي ۾ قيمتي جانين جي نقصان تي متاثرن سان گهري ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

حادثي جي زخمين کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن: پيپلزپارٽي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي نائب صدر سينيٽر شيري رحمان ملتان ۾ رحمان بابا ايڪسپريس جي حادثي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سينيٽ چيئرمين پاران ٽرين حادثي تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني ملتان ۾ رحمان بابا ايڪسپرين جي حادثي ۾ قيمتي جاني بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پاڪستان قدرتي آفتن جي خطرن ۽ نقصانن ۾ گهٽتائي لاءِ پختي عزم تي قائم آهي: نائب وزيراعظم

قدرتي آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي پائيدار ترقي جي 2030ع جي ايجنڊا تحت اڳڀرائي حاصل ڪرڻ ۽ ان کي برقرار رکڻ لاءِ لازمي آهي

گذريل ڪجهہ سالن دوران پاڪستان کي موسمياتي تبديلين جي ڪري ايندڙ آفتن جي تباهي آڻيندڙ اثرن کي منهن ڏيڻو پيو آهي

پاڪستان وڌيڪ مضبوط ۽ پائيدار دنيا جي تعمير لاءِ پنهنجي گڏيل ذميواري جي ورجاءَ ۾ سمورن ملڪن سان يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار قدرتي آفتن جي خطرن انهن جي ڪري بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

صدر آصف علي زرداري سان يورپي ڪمشنر ميگنس برونر جي ملاقات

يورپ ۾ پاڪستانين لاءِ قانوني موقعا فراهم ڪيا وڃن: صدر مملڪت

پاڪستان يورپي يونين سان وسيع البنياد تعاون کي تمام گهڻي اهميت ڏي ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سلمان شريف پاڪستان جي سفير جون ذميواريون سنڀالڻ لاءِ جرمني پهچي ويو

برلن (اي پي پي) سلمان شريف پاڪستان جي سفير جي حيثيت سان ذميواريون بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

چيني ڪمپنين کي سنڌ جي پاڻي وسيلن، زراعت ۽ بنيادي ڍانچي جي شعبن ۾ سيڙپڪاري جي دعوت

هانگزانگ ۾ قائم ايڇ بي ايس زيڊ ڪمپنيءَ جي دوري دوران وڏي وزير کي فور پائيپ لائين رٿا بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

ڪراچيءَ لاءِ 100 ڪلوميٽر ڊگهي کي فور پائيپ لائين جي تعمير ۽ سکر بئراج جي بحاليءَ لاءِ سهڪار جي خواهش ظاهر

ايڇ بي ايس زيڊ ڪمپنيءَ 100 ڪلوميٽر ڊگهي پائيپ لائين تعمير ڪرڻ لاءِ راضپو ظاهر ڪيو آهي: اختياريون

وڏي وزير کي سکر بئراج جي بهتريءَ واري رٿا تي ٿيل اڳڀرائيءَ بابت بريفنگ پڻ ڏني وئي، رٿا تي جلد کان جلد ڪم شروع ڪيو وڃي: مراد علي شاهہ

افرادي نقصان جون جنسون تيار ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪيو وڃي، جيڪي سنڌ کي درپيش چئلينجن ۽ بدلجندڙ حالتن کي منهن ڏئي سگهن

ڪراچي/ ووهان چين (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ چيني ڪمپنين کي سنڌ جي پاڻي وسيلن، زراعت ۽ بنيادي ڍانچي جي شعبن ۾ سيڙپڪاريءَ بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

بيجنگ: وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ ۽ ڪابينا ميمبرن سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ جام خان شوري سان چيني ڪمپني جا عهديدار گڏجاڻي ڪري رهيا آهن

وزيراعظم سان يورپي يونين جي گهرو معاملن ۽ مائيگريشن بابت ڪمشنر جي ملاقات، پاڪستانين لاءِ قانوني رستا کوليا وڃن: شهباز شريف

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ٿيڻ کانپوءِ ڪو وڏو احتجاج ڏسڻ ۾ نہ آيو: ٻئريسٽر دانيال چوڌري

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ملتان: ريلوي وارو وفاقي وزير حنيف عباسي حادثي ۾ زخمي مسافرن جي عيادت ڪندي

وزيراعظم سان متحده وفد جي ملاقات، ملڪ جي مجموعي ۽ سياسي صورتحال تي ڳالهيون

خيبرپختونخوا جي عوام جي بهترين مفاد ۾ مشڪل ترين فيصلو ڪرڻو پيو: شهباز شريف

ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي جي قيادت هيٺ وفد ۾ مصطفيٰ ڪمال، عامر ولي، خالده اتيب، فاروق ستار، عبدالعليم خان ۽ ٻيا شامل

خيبرپختونخواهہ ۾ وڌندڙ دهشتگرد حملن ۾ عام شهرين ۽ سيڪيورٽي فورسز کي نشانو بڻايو پئي ويو: وزيراعظم شهباز شريف

ايم ڪيو ايم جي وفد وزيراعظم کي خيبرپختونخوا صوبي جي حوالي سان حڪومتي فيصلن تي پنهنجي مڪمل حمايت جو يقين ڏياريو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف لانگ مارچ کي ملڪ جي بهتر ٿيندڙ معيشت کي تباهہ ڪرڻ جي سازش قرار ڏيندي چيو آهي تہ خيبرپختونخواهہ جي عوام جي بهترين مفاد ۾ مشڪل ترين فيصلو ڪرڻو پيو آهي، اسان ڪليل دل سان ڳالهيون ڪيون پر ٻئي طرف کان مثبت جواب نہ مليو آڳاري ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي جي پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جو اجلاس نثار کهڙي جي صدارت ۾ ٿي رهيو آهي

فرانس ۾ آءِ سي آءِ ڊي جي 26هين عالمي ڪانگريس ۾ سيڪريٽري آبپاشي جي شرڪت

پاڻي جي بهتر انتظام، جديد آبپاشي ٽيڪنالاجي ۽ پائيدار زرعي ترقي بابت عالمي ماهرن سان خيالن جي ڏي وٺ

ڊجيٽل مانيٽرنگ ۽ سيٽلائيٽ ٽيڪنالاجي ذريعي پاڻي جو زيان گهٽائڻ ۽ آبپاشي نظام جي ڪارڪردگي وڌائڻ تي زور

سنڌ جي زرعي معيشت، غذائي تحفظ ۽ لکين هارين جي روزگار لاءِ آبي وسيلن جو تحفظ ۽ وقت سر پاڻي فراهمي اهم آهي: ظريف کيڙو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) فرانس جي شهرن مارسي ۽ آئڪس اين پرووينس ۾ عالمي بئنڪ گروپ (WBG) ۽ اي اي ٽي (Eau, Agriculture et Territoires) جي سهڪار سان آبپاشي ۽ نڪاسي جي بين الاقوامي ڪميشن (ICID) جي 26هين عالمي ڪانگريس جي موقعي تي مختلف علمي ۽ ٽيڪنيڪي سيشنز جو انعقاد ڪيو ويو جن ۾ پاڪستان جي صوبي سنڌ جي آبپاشي سيڪريٽري ظريف کيڙو شرڪت ڪئي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير سمارٽ گورننس، آرٽيفيشل انٽيليجنس ۽ دواسازي جي پيداوار ۾ چين کان سهڪار گهري ورتو

سنڌ عوامي خدمتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڊيٽا، مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل پليٽ فارمن کي استعمال ڪرڻ جي چيني تجربي مان فائدو حاصل ڪرڻ چاهي ٿي: وڏو وزير

ٽيڪنالاجي حڪومتن کي ڪنهن بہ بحران جي پيدا ٿيڻ کان اڳ ئي مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ ان جو حل فوري طور تي فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿي

سنڌ پنهنجي نوجوان آباديءَ وڌندڙ ٽيڪنالاجي ماحول ۽ وڏن تعليمي ادارن جي ڪري، جلد ۽ ڊجيٽل ڪاروبار ۽ علائقائي مرڪز بڻجڻ لاءِ مڪمل تيار آهي

ڌابيجي، بن قاسم ۽ خيرپور ۾ قائم اسپيشل اڪنامڪ زونز مالي مراعات فراهم ڪن ٿا، جن ۾ ٽيڪس جي ڇوٽ ۽ ڊيوٽي ۾ رعايتون شامل آهن

ڪراچي/ ووهان چين (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ سمارٽ گورننس، آرٽيفيشل انٽيليجنس ۽ دواسازي جي پيداوار ۾ چين کان سهڪار گهري ورتو آهي هن صوبي ۾ شهري انتظاميا، صحت جي شعبي ۾ پيداوار ۽ ٽيڪنيڪي ترقي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هناوي ۽ هيومن ويل هيلٽ ڪيئر گروپ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سرپرست راڄ تحريڪ ۽ صحافي اقرار الحسن ڇهن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي اين سي سي آءِ اي حوالي

اين سي سي آءِ اي طرفان اقرارالحسن کي عدالت ۾ پيش ڪري جسماني ريمانڊ جي درخواست ڪئي

عدالت ريمانڊ جي درخواست منظور ڪندي اقرار الحسن جو ڇهن ڏينهن جو جسماني ريمانڊ منظور ڪيو

عدالتي ڪارروائي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ اين سي سي آءِ اي جي ٽيم اقرار الحسن کي واپس سيل منتقل ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جوڊيشل مئجسٽريٽ اوير جي عدالت عوام راڄ تحريڪ جي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ريلويز جي وڏي اسٽيشنن تي 24 ڪلاڪ نعال هيلپ ڊيسڪ قائم، مسافرن لاءِ متبادل ٽرين ۽ بسون روانيون ڪيون ويون

لاهور/ ملتان (اي پي پي) پاڪستان ريلوي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

افغانستان ۾ هڪ سال دوران قدرتي آفتن سبب 679 ڄڻا فوت، 1634 زخمي

ڪابل (اي پي پي) افغانستان ۾ هڪ سال بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سنڌ سماءُ وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ غربت کان خوشحالي تائين جي عنوان سان ورڪشاپ کي خطاب ڪري رهيو آهي

غربت جو خاتمو انساني ترقي ۽ پائيدار معاشي خوشحالي لاءِ اهم آهي: احسن اقبال

پاڪستان کي پائيدار ۽ جامع معيشت بڻائڻ لاءِ غربت جي خاتمي کي ترجيح ڏيڻي پوندي

ترقي جا ثمر ملڪ جي هر شهري ۽ هر علائقي تائين پهچائڻ جي منصفاڻي فراهمي يقيني بڻائڻ ضروري آهي

ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون ايا تيز بڻائڻ مان گڏ سمورين لاڳاپيل ڌرين کي متحرڪ ڪري رهيا آهيون

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي تہ پاڪستان کي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

روانگي واپار عالمي سيڙپڪارن جي اعتماد ۾ بهتري جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو: خرم شهزاد

پهرين ٽہ ماهي (جولاءِ کان سيپٽمبر) ۾ پرڏيهہ مان موڪليل ناڻي جو ڳاڻيٽو 10.9 ارب ڊالر تائين پهچي ويو

پائيدار معاشي ترقي لاءِ ضروري آهي تہ پرڏيهي آمدني ۾ اضافي سان اهڙا قدم ۽ جاري رکيا وڃن: وفاقي صلاحڪار

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير جي صلاحڪار خرم شهزاد چيو آهي تہ روانگي واپار ۽ پرڏيهہ مان موڪليل ناڻي ۾ بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

پاڪ فوج پاران هائپر سونڪ بيلسٽڪ ميزائيل فتح-2 ايڪسٽينڊڊ رينج جو ڪامياب تجربو

جديد ويپن سسٽم جديد ترين نيويگيشن ۽ اسٽيٽ آف دي آرٽ ايويونڪس سان تيار ڪيو ويو

اهو ميزائيل دشمن جي ميزائيل ڊفينس سسٽم کي دوکو ڏيڻ ۽ هدف نشانو بڻائڻ جي ڀرپور صلاحيت رکي ٿو

راولپنڊي (اي پي پي) پاڪ فوج آڳاري ٿي هائپر سونڪ بيلسٽڪ ميزائيل فتح-2 ايڪسٽينڊڊ رينج (اي آر) جو ڪامياب بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

عدالت پاران انمول عرف پنڪي ۽ ٻين کي پيش نہ ڪرڻ تي ڪاوڙ جو اظهار

ايندڙ ٻڌڻي تي انمول عرف پنڪي ۽ ٻين جوابدارن کي لازمي طور پيش ڪيو وڃي: عدالت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جوڊيشل مئجسٽريٽ ڏکڻ جي عدالت منشيات ڪيس ۾ انمول عرف پنڪي ۽ ٻين جوابدارن کي پيش نہ بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪندوچام: ازبڪستان ۾ پروفيسر اسماعيل ڪنير کي پروفيسر جو خطاب ڏنو پيو وڃي

جام اڪرام الله ڌاريجو سان مختلف وفدن جون ملاقاتون

وفدن صوبائي وزير کي پنهنجن مسئلن ۽ درپيش مشڪلاتن کان آگاهہ ڪيو

عوامي ڀلائي روزگار موقعن ۾ واڌ سنڌ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي: جام اڪرام الله

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صنعت ۽ واپار واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو سان سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ مختلف وفدن بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

پروفيسر اسماعيل ڪنير کي ازبڪستان ۾ اعزازي پروفيسر جو خطاب ڏنو ويو

سنڌ زرعي يونيورسٽي جي پروفيسر محمد اسماعيل ڪنير جي خدمتن جي مڃتا

يونيورسٽي آف اڪنامڪس اينڊ پيڊاگوجي، ڪارشي پاران اعزازي پروفيسر خطاب ڏنو ويو

ڪندوچام (پريس رليز) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنير کي زرعي تدريس بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

پي ايڇ ڊي لاءِ پرڏيهہ ويل 3 ڊاڪٽر وطن واپس نہ موٽيا، سرڪاري خرچ واپس ڪرائڻ جو حڪم

لاڙڪاڻي جي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي مان 2016ع ۾ اسڪالرشپ تي موڪليل 7 ڊاڪٽرن مان 3 اڃا واپس نہ آيا

شاهہ عالم سولنگي، ظفر علي ابڙو ۽ بينظير عباسي جي پي ايڇ ڊي تي ڇهن سالن دوران 1 لک 29 هزار 600 آمريڪي ڊالر خرچ ٿيڻ جو انڪشاف

پي اي سي پاران اميگريشن اختيارين ۽ لاڳاپيل سفارتخانن کي خط لکڻ ۽ خرچ ٿيل رقم واپس ڪرائڻ جون هدايتون

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي (پي اي سي) جي اجلاس ۾ انڪشاف ٿيو آهي تہ وفاقي هائير ايجوڪيشن ڪميشن (ايڇ اي سي) جي اسڪالرشپ منصوبي تحت شهيد محترمہ بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

شهيد بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي کي شاگردن جي فيسن مان هڪ ارب رپين جي آمدني

سنڌ حڪومت کان 3 ارب ۽ وفاقي ايڇ اي سي کان 15 ڪروڙ رپيا فنڊنگ ملي ٿي: پي اي سي جو اعتراف

يونيورسٽي ۾ 3 هزار انڊر گريجوئيٽ ۽ 800 پوسٽ گريجوئيٽ شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن: نثار احمد کهڙو

ڪراچي : شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو کي شاگردن جي فيسن مان هڪ ارب رپين جي آمدني بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي جي ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ بي ايس نرسنگ ڊگري جعلي ثابت، 10 سالن جون پگهارون واپس ڪرائڻ جو حڪم

ڪراچي : شهيد محترمہ بينظير ڀٽو بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان مختلف پارٽين جا اڳواڻ ملاقات ڪري رهيا آهن

ڪراچي ۾ سي ٽي ڊي جون ڪارروايون، پابندي مڙهيل تنظيمن سان لاڳاپيل 4 دهشتگرد گرفتار

سي ٽي ڊي، وفاقي ۽ سول حساس ادارن جي ڪارروائين دوران 4 دستي بم ۽ هڪ پستول هٿ

بي ايل اي سان لاڳاپيل 3 مبينا جوابدار ابوالحسن اصفهاني روڊ ۽ ايس آر اي سان لاڳاپيل هڪ جوابدار ڪورنگي مان گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سي ٽي ڊي ڪراچي ۽ وفاقي توڙي سول حساس اداري جي گڏيل ڪاررواين دوران پابندي مڙهيل دهشتگرد بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

واپرائيندڙ بجلي چوري روڪين بل ادا ڪن تہ 24 ڪلاڪ بجلي ملندي: حيسڪو چيف

اسان ان کان اڳ 77 فيڊرن کي زيرو لوڊشيڊنگ تي منتقل ڪري چڪا آهيون

ايندڙ 3 سالن ۾ 70 سيڪڙو 11kV فيڊر زيرو لوڊشيڊنگ ڪنداسين: فيض الله ڌاهري

حيدرآباد (پ ر) حيسڪو ترجمان موجب چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڌاهريءَ خطاب ڪندي چيو تہ اڄ آفندي ٽائون جي عوام لاءِ ۽ منهنجي لاءِ خوشيءَ جو ڏينهن آهي اسان ان کان اڳ 77 فيڊرن کي زيرو بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

بينڪاڪ: ٿائي وارو وزير محمد اورنگزيب سعودي عرب جي امدادي اداري جي سربراهہ سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

ڪراچي: گلشن فلڪ ناز ۾ هڪ ئي گهر مان 5 ڀاتين جا لاش هٿ

فوتين ۾ زال، مڙس، سنڌن بہ ننڍيون ڌيئرون ۽ هڪ نوجوان ناري شامل، لاش پوسٽ مارٽم لاءِ جناح اسپتال منتقل

فوتين ۾ شاهزيب ولد نوازش علي، صبا زال شاهزيب، شمائلا ايزل ڌيءُ شاهزيب ۽ 4 ورهين جي اريہ ڌيءُ شاهزيب شامل

شروعاتي طور تي شڪ آهي تہ ٻارن کي زهر ڏنو ويو، واقعي جي هر پاسن کان بہ جاچ ڪئي پئي وڃي: ايس ايس پي مليرو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) ڪراچي ۾ گلشنِ فلڪ ناز گهر مان پنج لاش هٿ، واقعي جو گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ پاران نوٽيس، پوليس پاران جاچ شروع، ايس ايس پي مليرو پاران واقعي واري هنڌ جو دورو بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: هڪ ئي خاندان جي ٽن ٻارن ۽ ماءُ پيءُ جا لاش جن غربت سبب زندگي ختم ڪئي

گلشن حديد ۾ پنجن ڄڻن جي موت وارو واقعو، پوليس کي مبينا خط هٿ

خط ۾ مالي تنگي، مائٽن جي مبينا بي رخي ۽ ذهني اذيتن جو ذڪر

خاندان کي مدد نہ ملڻ ۽ ذليل ڪرڻ جا الزام، خط تي رت جا نشان پڻ لڳل

ڪراچي : گلشن حديد ۾ هڪ ئي گهر مان پنجن ڄڻن جا لاش هٿ اچڻ وارو واقعو مبينا طور خودڪشي کان اڳ لکيل خط بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

واقعي جو گهرو وزير سنڌ ۽ آءِ جي سنڌ ايس ايس پي مليرو کان رپورٽ طلب ڪري ورتي

ڪراچي: واقعي جو سنڌ جي گهرو وزير بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران عامر قتل ڪيس ۾ جوابدار طرفان عدالتي نوٽيس وصول نہ ڪرڻ تي ڪاوڙ ظاهر

جوابدار پيو پيرو بہ عدالتي نوٽيس وصول ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي: درخواستگذار جي وڪيل افتخار شاهہ

جوابدار نوٽيس بہ وصول نٿا ڪن، ٽرائل ڪورٽ ۾ جج مقرر نہ هجڻ سبب عدالت پڻ خالي پيل آهي: جسٽس اقبال ڪلهوڙو

دهشتگردي جي انٽ واري عدالت پنهنجي رپورٽ ۾ ڪيس جي ٻڌڻي ۾ دير جو ذميوار جوابدار ارمغان ۽ سندس وڪيل کي قرار ڏنو هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ جسٽس محمد اقبال ڪلهوڙو جي سربراهي ۾ ڊويزن بئنچ مصطفيٰ عامر قتل ڪيس جي جوابدار ارمغان طرفان عدالتي نوٽيس وصول نہ ڪرڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

بقايا | 1 | روزاني عبرت

خدشو ظاهر ڪيو ويو آهي هي حادثو ملتان ويجهو پيش آيو جنهن سبب ٽرين جون ڪيترين ئي بوگين پٽڙي تان لهي ويون واقعي ڪانپوءِ امدادي رضاڪار ۽ پاڪستان فوج جون امدادي ٽيمون بچاءَ واري ڪارروائي لاءِ واقعي واري هنڌ پهچي ويون بچاءَ واري عملي موجب، ان حادثي ۾ فوت ٿيلن جو انگ سٺن تائين پهچي ويو آهي، جن ۾ عورتون، مرد ۽ ڏيڍ سالن جي هڪ ٻارڙي شامل آهن جڏهن ته 50 کان وڌيڪ زخمي ماڻهن کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جن مان ڪجهه جي حالت ڳڻتيءَ جوڳي ٻڌائي وڃي نشتر اسپتال جي ترجمان موجب، زخمين مان هڪ جي حالت ڳڻتيءَ جوڳي آهي جڏهن ته 21 مريضن جو علاج هلي رهيو آهي، زخمين کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن ۽ اضافي عملو گهرايو ويو آهي اختيارين موجب، هي حادثو صبح جو تقريباً 5:15 وڳي پيش آيو جنهن ڪانپوءِ امدادي ادارن فوري طور تي پنهنجا آپريشن شروع ڪري ڏنا. بچاءَ واري عملي ٻڌايو ته زخمين کي ملتان جي نشتر اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي انهن جو طبي علاج جاري آهي حادثي کان پوءِ مسافرن کي پنهنجي سامان سميت ريلوي پٽڙي جي پرسان ويٺل ڏٺو ويو. ڪجهه ذريعن دعويٰ ڪئي آهي ته واقعي وقت ٽرين تيز رفتار سان هلي رهي هئي، جڏهن ته ان جو اصل سبب اڃا تائين معلوم نه ٿي سگهيو آهي ۽ ريلوي وزير معاملي جي جاچ لاءِ هڪ ڪميٽي قائم ڪئي آهي هڪ مسافر جي مطابق روهڙي ويجهو رحمان بابا ايڪسپريس جي ڪوچ نمبر 9 جا نٽ ۽ بولٽ مرمت ڪيا ويا هئا، جڏهن ته هن دعويٰ جي آزادانه تصديق نه ٿي سگهي ۽ اها ڳالهه اڃا واضح ناهي ته ڇا ان جو حادثي سان ڪو تعلق آهي حادثي جي فوري بعد، پاڪستان فوج جو امدادي دستو بچاءَ واري ڪارروائي ۾ حصو وٺڻ لاءِ واقعي واري هنڌ پهچي ويو. متاثر ٿيل ريلوي ٽريڪ تي فوجي دستي پاران امدادي ڪم تيزيءَ سان جاري آهن ريل حادثي جو نوٽيس وٺندي، وفاقي وزير ريلوي محمد حنيف عباسي پنهنجي جان وڃائيندڙ مسافرن جي خاندانن سان تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو هن هدايت ڪئي ته زخمي مسافرن کي طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ بهترين انتظام ڪيا وڃن محمد حنيف عباسي چيو ته فوت ٿيل ۽ زخمي مسافرن کي ريلوي انشورنس پاليسيءَ مطابق معاوضو ادا ڪيو ويندو ٽرين حادثي جو نوٽيس وٺندي، وزيراعظم شهباز شريف قيمتي جانين جي زيان تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو هن لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته امدادي ڪارروائين کي تيز ڪيو وڃي ۽ زخمين کي هر ممڪن طبي امداد فراهم ڪئي وڃي حادثي ڪانپوءِ امدادي سرگرميون جاري رهيون، جڏهن ته ٽرين جي پٽڙي تان لهڻ جي سببن جو تعين ڪرڻ لاءِ جاچ پڻ جاري آهي.

بقايا | 2 | روزاني عبرت

شهباز شريف ملتان ۾ رحمان بابا ايڪسپريس ريل جي حادثي ۾ قيمتي جانين جي نقصان تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي. وزيراعظم حادثي ۾ فوت ٿيندڙن جي پوئترن سان دلي افسوس جو اظهار ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي آهي اڱاري ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم رحمان بابا ايڪسپريس ريل جون بوگيون پٽڙي تان لهڻ جي واقعي جو نوٽيس وٺندي زخمين کي فوري ۽ بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي وزيراعظم لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته امدادي ڪارروايون تيز ڪيون وڃن ۽ زخمين کي هر ممڪن طبي امداد فراهم ڪئي وڃي.

بقايا | 3 | روزاني عبرت

نقصان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي سينيٽ سيڪريٽريٽ طرفان جاري بيان ۾ سينيٽ چيئرمين حادثي ۾ ٿيل فوتگين تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ فوتين جي مغفرت لاءِ دعا ڪئي سينيٽ چيئرمين لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته حادثي ۾ زخمين کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ سندن علاج ۾ ڪا به ڪوتاهي هرگز برداشت نه ڪئي ويندي.

بقايا | 4 | روزاني عبرت

ڪيو ويو جي ريلوي اختيارين جو چوڻ آهي ته امدادي ڪارروائين جي مڪمل ٿيڻ ۽ ٽريڪ کي صاف ڪرڻ ۾ اڃا ڪجهه ڪلاڪ لڳي سگهن ٿا.

بقايا | 5 | روزاني عبرت

زرداري ملتان ويجهو رحمان بابا ايڪسپريس جي پٽڙي تان لهڻ واري واقعي تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي حادثي ۾ فوت ٿيل مسافرن جي خاندانن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ۽ زخمي مسافرن جي جلد صحتيابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو آهي. اڱاري ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري ڪيل هڪ بيان موجب، صدر لاڳاپيل اختيارين کي متاثر مسافرن کي مدد ۽ هر ممڪن سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي ۽ چيو ته حادثي جي سببن جو پتو لڳائڻ لاءِ شفاف جاچ ڪرائي وڃي.

بقايا | 6 | روزاني عبرت

۾ قيمتي حياتين جي نقصان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي اڱاري ڏينهن جاري ڪيل بيان ۾ هن حادثي ۾ ٿيل فوتگين تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ فوتين جي مغفرت لاءِ دعا ڪئي شيري رحمان چيو ته ڏک جي هن گهڙي ۾ فوتين جي وارثن سان گڏ آهيون لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته حادثي جي زخمين کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ سندن علاج ۾ ڪا به ڪوتاهي هرگز برداشت نه ڪئي ويندي شيري رحمان فوتين جي مغفرت ۽ وارثن جي صبر لاءِ دعا پڻ گهري.

بقايا | 7 | روزاني عبرت

شريف سان متحده قومي موومينٽ جي ڪنوينر تعليم واري وفاقي وزير ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي جي قيادت هيٺ متحده قومي موومينٽ جي وفد ملاقات ڪئي وفد ۾ قومي صحت وارو وفاقي وزير سيد مصطفيٰ ڪمال سينيٽر عامر ولي الدين چشتي سينيٽر خالده اتيب، قومي اسيمبلي ميمبرن ڊاڪٽر محمد فاروق ستار عبدالعليم خان سيد وسيم حسين آسيه اسحاق صديقي، محمد جاويد حنيف خان، محمد معين عامر پيرزادو، محمد اقبال خان، حسان صابر صادق افتخار ارشد عبدالله وهرا، سيد حفيظ الدين سيد امين الحق خواجه اظهارالحسن احمد سليم صديقي فرحان چشتي نگهت شڪيل خان سبهين غوري، راڻا انصر صوفيه سعيد شاهه ۽ سنجي پارواڻي شامل هئا. ملاقات دوران ملڪ جي مجموعي ۽ سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي وزيراعظم وفد کي خيبرپختونخواهه صوبي جي صورتحال تي اعتماد ۾ ورتو ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته خيبرپختونخواهه جي عوام جي بهترين مفاد ۾ اهو مشڪل ترين فيصلو ڪرڻو پيو اسان پرپور ڪوشش ڪئي ته ڪهڙي طرح اسان کي اهو انتهائي قدم نه کڻڻو پوي، اسان ڪليل دل سان ڳالهه ٻولهه ڪئي پر ٻئي طرف کان مثبت جواب نه مليو هن چيو ته خيبرپختونخواهه ۾ وڌندڙ دهشتگرد حملن ۾ عام شهرين ۽ سيڪيورٽي فورسز کي نشانو بڻايو پئي ويو جڏهن ته صوبائي حڪومت دهشتگرد گروهن جي خلاف کلي ڪري آواز اٿارڻ ۾ ناڪام رهي لانگ مارچ ملڪ جي بهتر ٿيندڙ معيشت کي تباهه ڪرڻ جي سازش هئي. وفد وزيراعظم کي خيبرپختونخواهه صوبي جي حوالي سان حڪومتي فيصلن تي پنهنجي مڪمل حمايت جو يقين ڏيارايو ملاقات ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار دفاع وارو وفاقي وزير خواجه محمد آصف، قانون ۽ انصاف وارو وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ پارلياماني معاملن وارو وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري ۽ وزيراعظم جو سياسي معاملن ۽ بين الصوبائي رابطي بابت صلاحڪار راڻا ثناءُ الله پڻ موجود هئا.

بقايا | 8 | روزاني عبرت

سان شراڪتداري جون تجويزون پيش ڪيون آهن وڏي وزيرآهي تجويزون ورهان ۾ هٿاري جي "گلوبل ماڊل سائيٽ فار ڊجيٽل ڊريون اربن گورننس"، ورهان آرٽيفيشل انٽيليجنس ڪمپيوٽنگ سينٽر ۽ هيومن ويل هيلٿ ڪيئر گروپ جي مرڪزي آفيس جي دوري دوران ڏنيون چين جي پنهنجي سرڪاري دوري دوران هڪ اعليٰ اختياريءَ واري وفد جي اڳواڻي ڪندي، سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ عوامي خدمتن کي بهتر بڻائڻ وڌندڙ شهرن کي سنڀالڻ ۽ صنعتي صلاحيت کي وڌائڻ لاءِ ڊيٽا، مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل پليٽ فارمن کي استعمال ڪرڻ جي چيني تجربي مان فائدو حاصل ڪرڻ چاهي ٿي هٿاري جي سهڪار سان جوڙيل ورهان سٽي آپريشن سينٽر ۾ وڏي وزير کي هڪ اهڙي گڏيل انتظامي نظام بابت بريفنگ ڏني وئي جيڪو ٽرئفڪ جي انتظام هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ عوامي خدمتن ۽ شهري رٿابندي لاءِ حقيقي وقت جي ڊيٽا جي تجزيي، مصنوعي ذهانت ۽ سمارٽ نگراني جي اوزارن کي استعمال ڪندو آهي ورهان کي ڊيٽا تي ٻڌل گورننس لاءِ هڪ عالمي نمونو قرار ڏيندي، سيد مراد علي شاهه چيو ته ٽيڪنالاجي حڪومتن کي ڪنهن به بحران جي پيدا ٿيڻ کان اڳ ئي مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ ان جو حل فوري طور تي فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿي هن چيو ته ڪراچي جنهن جي آبادي 2 ڪروڙ کان وڌيڪ آهي ٽرئفڪ جي هجوم، پاڻي جي انتظام سالڊ ويسٽ جي نيڪال ۽ شهري ٻوڏ جهڙن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ اهڙن نظامن مان فائدو وٺي سگهي ٿو وڏي وزير ڪراچي ۾ ٻوڏ جي اڳواٽ اطلاع ۽ سٽي آپريشنز مينيجمينٽ تي ٻڌل هڪ پائلٽ پروجيڪٽ جي تجويز ڏني، جيڪو شروعاتي طور تي ميٽروپوليٽن جي هڪ ضلعي تي ٻڌل هوندو ۽ بعد ۾ ان کي شهر جي ٻين حصن تائين وڌايو ويندو هن چيو ته اسان ڪراچي لاءِ سمارٽ سٽي آپريشنز پليٽ فارم تيار ڪرڻ خاص طور تي ٻوڏ جي اڳڪٿي هنگامي امداد ۽ شهري انتظام کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هٿاري سان گڏ هڪ عملي شراڪتداري جا موقعا ڳولڻ چاهيون ٿا مراد علي شاهه ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سنڌ روايتي ٽيڪنالاجي خريداري واري معاهدي بدران ڊگهي مدت جي شراڪتداري ۾ دلچسپي رکي ٿي هن مقامي ادارن ۽ ماهرن جي صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ ڊيٽا سينٽرز جي قيام علم جي منتقلي، تربيتي پروگرامن ۽ پائيدار عملدرآمد جي ماڊلز ۾ سهڪار جي تجويز ڏني. هن سنڌ حڪومت جي آفيسرن لاءِ ورهان سٽي آپريشن سينٽر جي اسٽڊي ورڪس ۽ هٿاري، يونيورسٽين ۽ سنڌ جي فني ادارن جي وچ ۾ وڌيڪ سهڪار جي پڻ تجويز ڏني ورهان آرٽيفيشل انٽيليجنس ڪمپيوٽنگ سينٽر ۾ وفد کي سينٽر جي ڪم کان تحقيقي سهڪار ۽ صنعت، اڪيڊميا ۽ حڪومت جي مدد ۾ ان جي ڪردار بابت بريفنگ ڏني وئي آفيسرن ٻڌايو ته 2021 ۾ شروع ٿيندڙ هن سينٽر پنهنجي ڪمپيوٽنگ جي صلاحيت کي 400 پيٽافلاپس تائين وڌايو آهي جنهن سان يونيورسٽين، تحقيقي ادارن ۽ ٽيڪنالاجي ڪمپنين کي تحقيق ۽ تجارتي استعمال لاءِ جديد ڪمپيوٽنگ وسيلن تائين رسائي ملي ٿي وڏي وزير سينٽر جي گڏيل انفراسٽرڪچر ماڊل جي تعريف ڪندي چيو ته هي يونيورسٽين، محققن ۽ اسٽارٽ اپس کي وڏي سيڙپڪاري ڪرڻ کان سواءِ جديد ڪمپيوٽنگ سهولتن تائين رسائي جي اجازت ڏئي ٿو مراد علي شاهه چيو ته سنڌ پنهنجي نوجوان آبادي وڌندڙ ٽيڪنالاجي ماحول ۽ وڌندڙ تعليمي ادارن جي ڪري، جدت ۽ ڊجيٽل ڪاروبار لاءِ هڪ علائقائي مرڪز بڻجڻ لاءِ مڪمل طور تي تيار آهي وڏي وزير صوبائي حڪومت جي ڪراچي ايجوڪيشن سٽي ۾ اعليٰ تعليم تحقيق جدت ۽ جديد ٽيڪنالاجيز جو مرڪز بڻائڻ واري منصوبن جي پڻ نمايان ڪيو هن سنڌ جي يونيورسٽين ۽ محققن کي آرٽيفيشل انٽيليجنس (AI) جي تربيت ڪمپيوٽنگ وسيلن تائين رسائي فراهم ڪرڻ، AI انفراسٽرڪچر تيار ڪرڻ لاءِ فني مدد، ۽ انجنيئرن، محققن ۽ سرڪاري آفيسرن لاءِ صلاحيتون وڌائڻ واري پروگرامن ۾ سهڪار جي تجويز ڏني هن چيو ته آرٽيفيشل انٽيليجنس معيشتن ۽ سماجن جي مستقبل کي شڪل ڏيندڙ سنڌ ان تبديليءَ ۾ هڪ سرگرم حصو وٺندڙ بڻجڻ چاهي ٿي.

بقايا | 9 | روزاني عبرت

گڏجاڻيون ڪيون ۽ کين پنهنجن مسئلن ۽ درپيش مشڪلاتن کان آگاهه ڪيو صوبائي وزير وفدن جي مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن قدمن جو يقين ڏياريندي لاڳاپيل اختيارين کي ضروري هدايتون جاري ڪيون ان موقعي تي جام اڪرام الله ڌاريجو چيو ته سنڌ حڪومت عوام جي ڀلائي معاشي ترقي ۽ ڪاروباري سرگرمين جي واڌ لاءِ قدم کڻي رهي آهي عوامي مسئلن جو حل روزگار جي موقعن ۾ واڌ ۽ صوبي ۾ ترقي جي عمل کي اڳتي وڌائڻ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي هن چيو ته عوام ۽ ڪاروباري برادري کي درپيش مشڪلاتن کي ختم ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل ادارا مؤثر ڪردار ادا ڪري رهيا آهن ته جيئن عوام کي رليف فراهم ڪرڻ سان گڏ سنڌ جي معاشي ۽ سماجي ترقي جا هدف پڻ حاصل ڪري سگهجن.

بقايا | 10 | روزاني عبرت

تحقيق،پائيدار سماجي ترقي ۽ موسمياتي تبديلين سان نهڪندڙ زراعت جي واڌاري لاءِ سندس خدمتن جي مڃتا طور ازبڪستان جي يونيورسٽي آف اڪنامڪس اينڊ پيڊاگوجي،ڪارشي پاران اعزازي پروفيسر جو خطاب ڏنو ويو آهي،هو اعزاز ازبڪستان جي شهر ڪارشي ۾ منعقد ٿيل هڪ عالمي سائنسي ۽ عملي ڪانفرنس دوران ڏنو ويو،جنهن کي سنڌ زرعي يونيورسٽي، سنڌ ۽ پاڪستان لاءِ هڪ اهم عالمي ڪاميابي قرار ڏنو پيو وڃي،ان موقعي تي ڊاڪٽر اسماعيل ڪنبر کي اعزازي پروفيسر جو سرٽيفڪيٽ، علمي اعزازي گائون ۽ يادگاري نشان پڻ پيش ڪيا ويا، ڊاڪٽر اسماعيل يونيورسٽي آف اڪنامڪس اينڊ پيڊاگوجي، ڪارشي ۾ منعقد ٿيل عالمي ڪانفرنس "سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جا موجوده مسئلا" ۾ شرڪت ڪئي، جنهن ۾ مختلف ملڪن جي تعليمي ماهرن، محققن ۽ عالمي وفدن شرڪت ڪئي سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر انجنيئر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال ڊاڪٽر اسماعيل کي عالمي اعزاز ملڻ تي مبارڪباد ڏيندي ان کي سنڌ سميت سڄي پاڪستان ۽ خاص طور سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ لاءِ فخر جوڳو اعزاز قرار ڏنو هن چيو ته سنڌ زرعي يونيورسٽي ملڪ جو اهم قومي زرعي تدريسي ادارو آهي ۽ جنهن جي استادن ۽ شاگردن جون عالمي سطح تي ڪاميابيون پاڪستان جي تعليمي ۽ تحقيقي ساک کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون پروفيسر ڊاڪٽر اسماعيل ڪنبر کي مليل اعزاز تي يونيورسٽي آف اڪنامڪس اينڊ پيڊاگوجيءَ جي قيادت ۽ تعليمي برادريءَ جا ٿورا مڃيندي چيو ته هي اعزاز رڳو سندس ذاتي ڪاميابي نه پر پاڪستان، سنڌ ۽ سنڌ زرعي يونيورسٽي لاءِ پڻ فخر جو باعث آهي هن پاڪستان ازبڪستان ۽ بين ملڪن جي يونيورسٽين وچ ۾ علمي ۽ تحقيقي سهڪار وڌائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو هن اميد ظاهر ڪئي ته هن اعزاز سان سنڌ زرعي يونيورسٽي ۽ ازبڪستان جي تعليمي ۽ تحقيقي ادارن وچ ۾ سهڪار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا، جن سان گڏيل تحقيقي منصوبن، استادن ۽ شاگردن جي مٽاسٽا، عالمي ڪانفرنسن ۽ زرعي ترقي بهتريءَ جي مسئلن جي حل لاءِ گڏيل ڪوششن کي هٿي ملندي، واضح رهي ته پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنبر جو تعلق ضلعي بدين جي علائقي پنگريو سان آهي، هن پنهنجي علمي زندگي زرعي تعليم، زرعي توسيعي خدمتن، ٻهراڙي جي آبادگارن ۽ برادرين جي ترقيءَ ۽ پائيدار ترقيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي ٻهراڙيءَ جي هڪ علائقي سان تعلق رکندڙ هن استاد جي عالمي سطح تي مڃتا، خاص طور زرعي ۽ ٻهراڙيءَ جي پسمنظر رکندڙ شاگردن ۽ نوجوان محققن لاءِ اتساهه جو سبب آهي.

بقايا | 11 | روزاني عبرت

لاش اسپتال منتقل واقعي جي هر رخ کان جاچ ڪري رهيا آهيون ابتدائي جاچ سان واقعو خودڪشي لڳي رهيو آهي واقعي واري هنڌ تان هڪ خط پڻ مليو آهي ايس ايس پي مليئر خبر موجب بن قاسم ٿاڻي جي حد گلشن فلڪ ناز ۾ هڪ گهر مان پنج ڄڻن جا لاش هٿ اچڻ واري افسوسناڪ واقعي شهر ۾ ڏک ۽ ڳڻتي جي لهر پکيڙي ڇڏي آهي واقعي ۾ ڏال مڙس سندن ٻه ٻار ۽ هڪ نوجوان ناري جا لاش مليا. اطلاع ملڻ تي بن قاسم پوليس واقعي واري هنڌ پهچي هٿ آيل لاشن کي پوسٽ مارٽم لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو پوليس موجب فلڪ ناز سوسائٽي پلاٽ نمبر پنج ايس 3 ويجهو گهر جي گرائونڊ فلور سان هٿ آيل پنجن لاشن جي سڃاڻپ 45 ورهين جو شاهزيب ولد نوازش علي، 45 ورهين جي صبا زال شاهزيب، 18 ورهين جي شمائلا ڌيءَ نوازش شاهزيب جي پيڻ 5 ورهين جي ايزل ڌيءَ شاهزيب ۽ 4 ورهين جي اريه ڌيءَ شاهزيب شامل آهن واقعي جي اطلاع تي ايس ايس پي مليئر ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو واقعي واري هنڌ جو دورو ڪري صورتحال جو جائزو ورتو ان موقعي تي ايس ايس پي مليئر ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گهر جي مالڪ جو شروعاتي بيان پڻ رڪارڊ ڪيو ويو آهي جڏهن ته پوليس واقعي واري هنڌ تان ضروري شاهديون گڏ ڪري ورتيون آهن پوليس کي گهر مان هڪ پستول پڻ مليو آهي جڏهن ته فوت ٿيل شاهزيب جي کيسي مان هڪ خط هٿ آيو آهي ايس ايس پي مليئر موجب شروعاتي طور تي شڪ ظاهر ڪيو پيو وڃي ته ٻارن کي زهر ڏنو ويو جڏهن ته واقعي جي ٻين پاسن کان به جاچ ڪئي پئي وڃي هن چيو ته مالي حالتن کان تنگ اچي خودڪشي ڪرڻ جو شڪ آهي پر موت جي اصل سببن جي تصديق پوسٽ مارٽم ۽ جاچ مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ ئي سگهندي. ملندڙ خط ۾ مالي تنگي ماڻهن جي بي رخي جو ذڪر آهي. واقعي ڪانپوءِ سامهون آيل مبينا آخري خط ۾ مالي پريشانين بيروزگاري ۽ ماڻهن کان ملڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي خط جي متن موجب لکڻ وارن جو چوڻ هو ته وٽن روزگار نه هو ۽ گهر جو خرچ هلائڻ توڙي ٻارن جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ ڏکيو ٿي ويو هو مبينا خط ۾ لکيو ويو آهي ته گذريل ڇهن مهينن کان ماڻهن کان قرض وٺي گهر جو گذر سفر پئي ڪيو ٿي ويو مالي مدد ڪري بدران ماڻهن کين مبينا طور ذهني اذيت برداشت ڪرڻي پئي خط ۾ ماڻهن پاران رابطو ختم ڪرڻ ۽ مدد کان انڪار ڪرڻ جو به ذڪر آهي خط ۾ سماجي روين ۽ قانوني نظام بابت مايوسي جو اظهار ڪندي چيو ويو آهي ته ساڳيو ڏک ۽ فوتگي جي موقعي تي ته گڏ ٿين ٿا پر ڪنهن ضرورتمند جي حياتي بچائڻ يا ڏکي وقت ۾ سندس سهارو بڻجڻ لاءِ گهٽ ماڻهو اڳتي اچن ٿا. ٻئي طرف، سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ۽ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو نوٽيس وٺندي لاڳاپيل پوليس اختيارين کان تفصيلي رپورٽون طلب ڪري ورتيون آهن سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار مليئر جي بن قاسم واري علائقي ۾ پنجن ڄڻن جا لاش هٿ اچڻ واري واقعي جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي مليئر کان واقعي جا مڪمل تفصيل طلب ڪيا آهن. هن لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته واقعي جي محرڪن ۽ حقيقتن کي سامهون آڻڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا وڃن گهرو وزير چيو ته واقعي جي سمورن پهلوئن کان جاچ ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن عنصر جي ملوث هجڻ جا ثبوت سامهون اچن ته قانون موجب ڪارروائي يقيني بڻائي وڃي. هن پوليس کي جاچ ۾ موجود سمورا وسيلا استعمال ڪرڻ ۽ تحقيقاتي اڳڀرائي بابت آگاهه رکڻ جي پڻ هدايت ڪئي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پڻ واقعي جو نوٽيس وٺندي ڊي آءِ جي ايسٽ کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي آءِ جي سنڌ لاڳاپيل پوليس آفيسرن کي هدايت ڪئي ته واقعي جي شفاف ۽ غيرجانبدارانه جاچ ڪئي وڃي ۽ پنجن ڄڻن جي فوت ٿيڻ جا اصل سبب معلوم ڪيا وڃن هن چيو ته واقعي واري هنڌ تان سمورا ضروري ثبوت گڏ ڪيا وڃن فرانزڪ جاچ سميت قانوني گهرجون پوريون ڪيون وڃن ۽ ڪنهن به ممڪن ڏوهاري پهلو کي نظرانداز نه ڪيو وڃي آءِ جي سنڌ وڌيڪ هدايت ڪئي ته جاچ ۾ ٿيندڙ اڳڀرائي بابت لاڳاپيل اختيارين کي مسلسل آگاهه رکيو وڃي ۽ سمورين حقيقتن سامهون آنديون وڃن.

بقايا | 12 | روزاني عبرت

ضياءُ الحسن لنجار ۽ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو نوٽيس وٺندي لاڳاپيل پوليس اختيارين کان تفصيلي رپورٽون طلب ڪري ورتيون آهن سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار مليئر جي بن قاسم واري علائقي ۾ پنجن ڄڻن جا لاش هٿ اچڻ واري واقعي جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي مليئر کان واقعي جا مڪمل تفصيل طلب ڪيا آهن هن لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته واقعي جي محرڪن ۽ حقيقتن کي سامهون آڻڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا وڃن گهرو وزير چيو ته واقعي جي سمورن پهلوئن کان جاچ ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن عنصر جي ملوث هجڻ جا ثبوت سامهون اچن ته قانون موجب ڪارروائي يقيني بڻائي وڃي هن پوليس کي جاچ ۾ موجود سمورا وسيلا استعمال ڪرڻ ۽ تحقيقاتي اڳڀرائي بابت آگاهه رکڻ جي پڻ هدايت ڪئي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پڻ واقعي جو نوٽيس وٺندي ڊي آءِ جي ايسٽ کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي آءِ جي سنڌ لاڳاپيل پوليس آفيسرن کي هدايت ڪئي ته واقعي جي شفاف ۽ غيرجانبدارانه جاچ ڪئي وڃي ۽ پنجن ڄڻن جي فوت ٿيڻ جا اصل سبب معلوم ڪيا وڃن هن چيو ته واقعي واري هنڌ تان سمورا ضروري ثبوت گڏ ڪيا وڃن، فرانزڪ جاچ سميت قانوني گهرجون پوريون ڪيون وڃن ۽ ڪنهن به ممڪن ڏوهاري پهلو کي نظرانداز نه ڪيو وڃي آءِ جي سنڌ وڌيڪ هدايت ڪئي ته جاچ ۾ ٿيندڙ اڳڀرائي بابت لاڳاپيل اختيارين کي مسلسل آگاهه رکيو وڃي ۽ سمورين حقيقتن سامهون آنديون وڃن.

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني
HESCO in association with WAPDA

آڇون کولڻ جي تاريخ ۾ واڌ

اهو اطلاع ڏنو ٿو وڃي ته مالي سال 26-2025 جي لاءِ حيسڪو جي ترسيلي ۽ تقسيمي نظام (T&D) جي فني نقصانن جي مطالعي ۽ تخميني جي غرض سان ڪنسلٽنٽس جون خدمتون حاصل ڪرڻ لاءِ آڇون گهرائڻ بابت اشتهار، روزانه ڊان ڪراچي، روزانه جهانِ پاڪستان ۽ روزانه عبرت حيدرآباد ۾ بذريعه تصحيح نامه (Corrigendum) تاريخ 30-09-2026 تي PID No. 89/2026 جي تحت شايع ڪيو ويو هو. ڇاپايل ٽينڊر کولڻ جي تاريخ جيڪا پهريان 15-10-2026 وقت 11:00 وڳي مقرر هئي، هاڻي وڌائي 22-10-2026 بوقت 11:00 وڳي ڪئي وئي آهي.

PID(H) 107/2026

چيف انجنيئر (P&E)،
حيسڪو، حيدرآباد

پاکستان سیکورٹی پرنٹنگ کارپوریشن (پرائیویٹ لمیٹڈ)
(اسٹیٹ بینک آف پاکستان کا مکمل ملکیتی ادارہ)

پروکیورمنٹ نوٹس
نان کنسلٹنسی سروسز کی پروکیورمنٹ

1. پاکستان سیکورٹی پرنٹنگ کارپوریشن (پروکیورمنٹ) نے مالی سال 2026-27ء کے لیے طے شدہ خریداری کے فنڈز مختص کیے ہیں۔ پاکستان سیکورٹی پرنٹنگ کارپوریشن (پروکیورمنٹ) اس فنڈ کی آمدنی کے کچھ حصے کو "P126133" کے حوالے سے "T-4235/26/ABZ رینٹل چلر مع تمام اسیسریز (بی او کیو کے مطابق)" کی خدمات حاصل کرنے کے لیے کنٹریکٹ کے تحت لاگو کرنے کا ارادہ رکھتی ہے۔

2. پاکستان سیکورٹی پرنٹنگ کارپوریشن (پروکیورمنٹ) کو EPADS v2.0 پر پیشکش کے دستاویزات میں بیان کردہ نان کنسلٹنسی سروسز کی پروکیورمنٹ کے لیے اہل پیشکش دہندگان سے سربمہر پیشکش مطلوب ہیں۔

3. اس پروکیورمنٹ کے لیے پبلک پروکیورمنٹ رولز 2004ء اور اتھارٹی کی طرف سے وقت فوقتاً جاری کردہ ضوابط، ریگولیٹری گائیڈز، پروکیورمنٹ گائیڈ لائنز یا ہدایات کے مطابق "سنگل اسٹیج-ون انویلپ" طریقہ کار اور کم ترین لاگت پر مبنی انتخاب (LCBS) کی تکنیک اپنائی جائے گی۔

4. تمام بولیوں کے ساتھ بولی کی ضمانت کا ہونا لازمی ہے جیسا کہ بڈنگ دستاویز کے 'بڈ سیکورٹی' والے حصے میں بیان کیا گیا ہے، جو کہ پے آرڈر، بینک گارنٹی یا بڈ سیکورنگ ڈیکلریشن کی صورت میں تجویز کردہ فارمیٹ کے مطابق ہو۔

5. ای-بڈنگ دستاویزات، جن میں تفصیلی شرائط و ضوابط، خصوصیات اور ضروریات وغیرہ شامل ہیں، ای-پاک ایکوزیشن اینڈ ڈسپوزل سسٹم (EPADS) کے اس لنک پر دستیاب ہیں: https://epads.gov.pk/opportunities/federal/procurements/126133

6. ای-بولیاں، جو ای-بڈنگ دستاویزات کی ہدایات کے مطابق تیار کی گئی ہوں، EPADS v2.0 کے ذریعے منگل 20 اکتوبر 2026ء کو صبح 11:00 بجے یا اس سے پہلے جمع کرائی جانی چاہئیں۔ ای-بولیاں اسی دن منگل 20 اکتوبر 2026ء کو صبح 11:30 بجے کھولی جائیں گی۔ دستی طور پر جمع کرائی گئی بولیوں پر غور نہیں کیا جائے گا۔ وہ وینڈرز جو ابھی تک EPADS v2.0 کے نئے ورژن پر رجسٹرڈ نہیں ہیں، وہ خود کو https://vendors.epads.gov.pk/ پر رجسٹر کر سکتے ہیں۔ رجسٹریشن کے عمل کی وضاحت کے لیے ایک ویڈیو ٹیوٹوریل اسی پورٹل پر دستیاب ہے https://www.youtube.com/watch?v=MNW6T38v7tc

7. پبلک پروکیورمنٹ رولز، 2004ء کے رول 48 کے تحت، اس پروکیورمنٹ کے لیے شکایت کے ازالے کی کمیٹی (GRC) کو نوٹیفائی کر دیا گیا ہے اور نوٹیفکیشن کی کاپی خریداری کرنے والے ادارے کی ویب سائٹ اور اتھارٹی کی ویب سائٹ (www.ppra.org.pk) پر دستیاب ہے۔

پاکستان سیکورٹی پرنٹنگ کارپوریشن (پروکیورمنٹ)
ڈپٹی جنرل مینیجر
جناح ایونیو، ملیر ہالٹ، کراچی، +92-992-48511
aliza.zaidi@pspc.gov.pk
PID,(K)1235/26

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

ٽيڪس چوري ءَ جي روڪٿام، واپارين لاءِ قرض ۽ نوجوانن لاءِ نوان موقعا
صفحو 4

محمد خان ابڙو
پوليو جي پڻ ڦڙن سان روشن مستقبل
صفحو 4

وڃُ سڄڻ وڃُ
مير اعظم علي ٽالپر
صفحو 4

مختيار آڏو
اڄوڪو ڏينهن .... 14 آڪٽوبر
صفحو 4

جپان جو وفد سنڌ جي عظيم ماڳ موهن جي دڙي پهتو، قديمي آثارن جو دورو

پرڏيهي وفد اسٽوپا، گريٽ باٿ، ڊي ڪي ايريا ۽ ميوزيم سميت ٻيا قديمي آثارن جو پڻ دورو ڪيو

موهن جي دڙي تي سنڌ ٽوئرزم جو مقرر گائيڊ ارشاد علي سولنگي پرڏيهي وفد کي تفصيلي بريفنگ ڏني

اڄ موهن جو دڙو گهمڻ واري خواهش پوري ٿي وئي، قديمي آثار به گهمي ڏٺا ۽ خوب گهمي مزو ورتو: پرڏيهي وفد

ڏوڪري(ن ع) سنڌ جي عظيم ماڳ موهن جي دڙي تي جپان جي پرڏيهي مردن عورتن جو وفد مسٽر عابد جي اڳواڻي ۾ موهن جي دڙي جو دورو ڪيو،انچارج موهن جو دڙو احسان عباسي وفد کي ويلڪم ڪيو،جڏهن ته جپان جي پرڏيهي مردن ۽ عورتن جو وفد 10 ڄڻن تي مشتمل هيو،جڏهن ته جپان جو پرڏيهي وفد اسٽوپا،گريٽ باٿ،ڊي ڪي ايريا ۽ ميوزيم سميت ٻيا قديمي آثارن جو پڻ دورو ڪيو،جڏهن ته جپان جي پرڏيهي وفد کي موهن جي دڙي تي سنڌ ٽوئرزم جو مقرر گائيڊ ارشاد علي سولنگي موهن جي دڙي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ۽ قديمي آثارن بابت ڄاڻ ڏني،جپان جي آيل وفد ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان جو موهن جي دڙي تي پهريون دفعو اچڻ ٿيو آهي،جپان جي اڳواڻن مردن ۽ عورتن وڌيڪ ٻڌايو ته اسان کي تمام وڏي خواهش هئي ته اسين پاڪستان وڃي ڪري سنڌ ۾ عظيم تاريخي ماڳ موهن جو دڙو ضرور ڏسنداسين،هتي وڌيڪ چيو ته اسان جي اڄ موهن جو دڙو گهمڻ واري خواهش پوري ٿي وئي ۽ اسين عظيم ماڳ جا آثار قديم گهمي ۽ ميوزيم کي ڏسي ڪري اهو پنهنجو خواب پورو ڪيو آهي،جڏهن ته هتي ٻيا قديمي آثار جنهن ۾ ڊي ڪي ايريا،ميئر ايريا ۽ ٻيا قديمي آثار به گهمي ڏٺا ۽ خوب گهمي مزو ورتو،جڏهن ته جپان جي آيل پرڏيهي وفد جي سيڪيورٽي سخت ڪئي وئي هئي

ڏوڪري:جپان جو وفد سنڌ جي عظيم ماڳ موهن جي دڙي جو دورو ڪندي

ٽانڊو ولاخان ۾ جماعت اصلاح المسلمين برانچ مهندا پالاري جي زير اهتمام ميلاد ۽ يارهين شريف جي محفل

ٽانڊو ولاخان (ن ع) جماعت اصلاح المسلمين برانچ مهندا پالاري جي زير اهتمام طاهري فارم ڳوٺ ماسٽر امام علي پالاري ۾ عظيم الشان سالانا جشن عيد ميلاد النبي ۽ پيران پير جي يارهين شريف فقير اشفاق علي پالاري طاهري ۽ سنڌس پائرن جي ميزباني ۾ ڀهترين پروگرام ٿي گذريو جنهن ۾ نقابت جا فرائض مولانا منظور مري طاهري ۽ فقير اجمل پالاري ڪرمي سر انجام ڏنا تلاوت ڪلام پاڪ جي سعادت حافظ علاؤالدين باريجو طاهري حاصل ڪئي نعت شريف فقير غلام رسول برفت طاهري، فقير امام علي خاصخيلي طاهري، فقير امير بخش طاهري، غلام حيدر ڪرمي نعتون پيش ڪيون،خصوصي نعت خوان بلبل ڪوهستان حافظ علاؤالدين باريجو طاهري نعتون منقبتون پڙهي عاشقان رسول کي جهومائي ڇڏيو،خصوصي خطاب علامہ مولانا سڪندر علي دودو طاهري نقشبندي ڪرڻ فرمايو ۽ سالانا عرس مبارڪ جي دعوت پڻ ڏني خصوصي شرڪت مهمان خاص زينت محفل قبلا سيد پير محبوب علي شاه جيلاني جماعت اصلاح المسلمين ضلع ڄامشورو جو صدر محمد اسلم طاهري، مولانا داؤد سولنگي، حافظ علي رضا ميمڻ، مولانا منظور مري فقير ڏاتر ڏنو طاهري، فقير فيض محمد طاهري شرڪت ڪئي ۽ ڪثير تعداد ۾ مختلف ڳوٺن ۽ پرپاسي کان آيل دوستن شرڪت ڪئي ميزبان محفل فقير اشفاق علي پالاري طاهري آيل معزز مهمانن کي لونگي جا تحفا پيش ڪيا آخر ۾ خوش ذائقہ طعام پيش ڪيو ويو

وفاقي حڪومت جمهوريت جو جنازو ڪڍي ڇڏيو آهي: نثار لغاري

خيبرپختونخواه ۾ ايمرجنسي لڳائڻ جي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي

پيپلزپارٽي ۽ مسلم ليگ ن به آمريتي قوتن جون آلهٔ ڪار بڻيل آهن: پريس ڪانفرنس

مسوري(ن ع) پورهيت مزاحمت تحريڪ جي مرڪزي ڪميٽي جي اڳواڻ ڪامريڊ نثار لغاري مسوري پريس ڪلب تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته وفاقي حڪومت کي پي ۾ جمهوريت کي ختم ڪري رهي جمهوريت جو جنازو ڪڍي ڇڏيو آهي. هن چيو ته خيبرپختونخواه ۾ ايمرجنسي لڳائڻ کي پورهيت مزاحمت تحريڪ جمهوريت لاءِ خطرناڪ سمجهي ٿي جنهن جي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي فوري طور گورنر راڄ ختم ڪيو وڃي. هن چيو ته پيپلزپارٽي ۽ مسلم ليگ ن به آمريتي قوتن جون آلهٔ ڪار بڻيل آهن. هن چيو ته آمريت کي ختم ڪرڻ لاءِ پاڪستان ۾ جمهوري قوتن کي اڳيان اچڻو پوندو ته نه هتي آمريت ۽ ايمرجنسي جو چڪر هلندو رهندو. هن چيو ته عوام بن وقتن جي ماني لاءِ پريشان آهي هتي حڪمران هرطرح عوام مٿان ٽيڪس لاڳو ڪرڻ ۾ مصروف آهن هن چيو ته پورهيت مزاحمت تحريڪ هن گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي واري عمل جي مخالفت ڪري ٿي.

مسوري: نثار لغاري پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

گڙهي خيرو ۾ سرسو انچارج جي مبينا ڪرپشن خلاف احتجاج

سياسي، سماجي ۽ مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ شهرين احتجاج ڪيو

سرسو انچارج اعجاز جوڻيجو ڪرپشن جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن: مظاهرين

گڙهي خيرو(ن ع) سرسو انچارج جي مبينا ڪرپشن خلاف مختلف سياسي، سماجي ۽ مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ شهرين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرين شهر جي مختلف رستن کان ريلي ڪڍي پنج گلي چوڪ تي پهتا، جتي اڳواڻن ذوهيب ميرالي اشفاق قادري، جاويد جمالي، حاجي ميهر ديناري، ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سرسو انچارج اعجاز جوڻيجو ڪرپشن جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن جڏهن ته 2022ع جي برساتن ڪان متاثر ٿيل وڏي انگ ۾ ماڻهو اڄ به گهرن کان محروم آهن هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت پاران سرسو اين جي اوز ذريعي برسات متاثرن لاءِ فراهم ڪيل سولر سسٽم به مبينا ڪرپشن جي ور چڙهي ويا آهن. سرسو اين جي اوز جي لاڳاپيل اڳواڻن سان بار بار ملاقاتون ڪرڻ باوجود متاثرن جي ڪا به داد رسي نه ٿي سگهي آهي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته سرسو اين جي اوز جا تعلقي ۽ ضلعي سطح جا انچارج متاثرن کي رڳو دلاسا ڏئي رهيا آهن پر عملي طور تي سندن مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪي به اڻائتا قدم نه کنيا ويا آهن مظاهرين ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد ۽ ڪمشنر لاڙڪاڻي کان مطالبو ڪيو ته سرسو اين جي اوز ۾ مبينا بدعنواني جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ برسات متاثرن سان انصاف ڪندي کين سندن حق فراهم ڪيا وڃن.

گڙهي: خيرو ۾ سرسو انچارج جي مبينا ڪرپشن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

منگهوپير ٽائون جي چيئرمين پاران ترقياتي ڪم جو دورو

حاجي نواز علي بروهي پيپور بلاڪ واري ڪم جو تفصيلي جائزو ورتو

ترقياتي منصوبي کي معياري طريقي سان مڪمل ڪرڻ جون هدايتون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي يونين ڪميٽي 01 مائي گاڙهي ۾ جاري پيپور بلاڪ لڳائڻ واري ترقياتي ڪم جو دورو ڪيو ۽ موقعي تي ڪم جي اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو ورتو. ڪراچي ۾ جي ساليانو تبليغي اجتماع جي پيش نظر علائقي ۾ بنيادي مڪاني سهولتن جي بهتري ۽ رستن کي بهتر بڻائڻ لاءِ جاري ترقياتي سرگرميون خاص اهميت رکن ٿيون ان سلسلي ۾ چيئرمين جاري ڪم جو معائنو ڪندي لاڳاپيل معاملن جو جائزو ورتو ۽ ترقياتي منصوبي کي معياري طريقي سان مڪمل ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون.چيئرمين حاجي نواز علي بروهي چيو ته 25 ڊسمبر کان شروع ٿيندڙ ڪراچي ۾ جي ساليانو تبليغي اجتماع ۾ ملڪ جي مختلف علائقن مان وڏي انگ ۾ فرزندان اسلام شرڪت ڪندا آهن هي هڪ اهم ديني ۽ روحاني اجتماع آهي، جنهن جي پيش نظر پرپاسي وارن علائقن ۾ اڄ وچ جي سهولت، رستن جي بهتري، صفائي سٿرائي ۽ ٻين ضروري مڪاني انتظامن تي بروقت ڌيان ڏيڻ لازمي آهي. ان ضرورت کي نظر ۾ رکندي يونين ڪميٽي 01 مائي گاڙهي ۾ پيپور بلاڪ لڳائڻ جو ڪم جاري آهي جنهن سان علائقي جي رهواسين کي پڻ اڄ وڃ جون بهتر سهولتون ميسر ٿينديون. هن چيو ته ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي ترجيحن ۾ علائقي جي تعمير ۽ ترقي، عوامي مسئلن جو حل ۽ شهرين کي بنيادي مڪاني سهولتن جي فراهمي شامل آهي. ترقياتي منصوبن جي بروقت تڪميل نه رڳو مقامي آبادي لاءِ سهولت جو سبب بڻجي ٿي پر اهم مذهبي اجتماعن جي موقعي تي بهتر انتظامن جي فراهمي ۾ پڻ مددگار ثابت ٿئي ٿي.ان ڪري ضروري آهي ته جاري ترقياتي ڪمن کي ذميواري، شفافيت ۽ مقرر ڪيل معيار موجب مڪمل ڪيو وڃي. چيئرمين حاجي نواز علي بروهي لاڳاپيل آفيسرن ۽ عملي کي هدايت ڪئي ته پيپور بلاڪ لڳائڻ واري ڪم ۾ معيار ۽ پائيداري کي يقيني بڻايو وڃي ۽ منصوبي جي تڪميل ۾ غير ضروري دير کان پاسو ڪيو وڃي. هن اڳاهي تي پڻ زور ڏنو ته تبليغي اجتماع جي پيش نظر لاڳاپيل علائقن ۾ صفائي سٿرائي، رستن جي بهتري ۽ ٻين ضروري مڪاني معاملن بابت اڳواٽ انتظام ڪيا وڃن، جيئن اجتماع ۾ شرڪت لاءِ ايندڙ ماڻهن ۽ مقامي شهرين کي اچ وڃ ۾ آساني ۽ بهتر سهولتون فراهم ڪري سگهجن. هن وڌيڪ چيو ته ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير عوامي مفاد جي منصوبن تي عملدرآمد ۽ علائقي ۾ مڪاني سهولتن جي بهتري لاءِ پنهنجون ذميواريون ڀرپور نموني ادا ڪندي رهندي، جيئن ترقياتي قدمن جا فائدا سڌيءَ ريت عوام تائين پهچي سگهن.

ڪراچي: چيئرمين منگهوپير ٽائون حاجي نواز علي بروهي ترقياتي ڪم جو جائزو وٺندي

سنڌو درياهه ۾ پاڻيءَ جي وهڪرن ۾ گهٽتائي رڪارڊ

گڊو بئراج وٽ پاڻيءَ جي آمد 55 هزار 758 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪئي وئي

سکر بئراج وٽ پاڻيءَ جي آمد 45 هزار 530 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 12 هزار ڪيوسڪ رهيو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر بئراج جي ڪنٽرول روم پاران 13 آڪٽوبر 2026ع تي صبح جو 6 وڳي جاري ڪيل درياهي انگن اکرن موجب درياهه سنڌ ۾ پاڻيءَ جي وهڪرن ۾ گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي جاري ڪيل انگن اکرن مطابق گڊو بئراج وٽ پاڻيءَ جي آمد 55 هزار 758 ڪيوسڪ، جڏهن ته ڇوڙ 47 هزار 700 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آهي.ساڳئي طرح سکر بئراج وٽ پاڻيءَ جي آمد 45 هزار 530 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 12 هزار ڪيوسڪ رهيو رپورٽ موجب تربيلا ڊيم ۾ پاڻيءَ جي سطح 1518.77 فوٽ رڪارڊ ڪئي وئي، جتي پاڻيءَ جي آمد 42 هزار 900 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 40 هزار ڪيوسڪ رهيو درياهه ڪابل ۾ پاڻيءَ جي آمد 2 هزار 580 ڪيوسڪ، جڏهن ته ڇوڙ 13 هزار 500 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو

لکي ۾ وائيٽل پاڪستان ٽرسٽ جي سهڪار سان ڪميونٽي آگاهي سيشن

ويڪسينيشن ٻارڙن کي خطرناڪ بيمارين کان بچائڻ لاءِ لازمي آهي، 12 موذي بيمارين کان ٻارن کي محفوظ رکڻ بابت تفصيلي آگاهي

ويڪسينيشن هڪ صحتمند ۽ محفوظ معاشري جي قيام ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي: مقررين

لکي غلام شاهه (ن ع) ضلعي شڪارپور جي يوسي چڪ جي ڳوٺ عبدالغفور چاچڙ ۾ ٻارن جي معمول جي حفاظتي ويڪسينيشن جي اهميت اجاگر ڪرڻ ۽ والدين ۾ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ وائيٽل پاڪستان ٽرسٽ جي سهڪار سان ڪميونٽي آگاهي سيشن منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ 38 مردن ۽ 17 ٻارن سميت ڪل 55 ماڻهن شرڪت ڪئي. سيشن دوران وائيٽل پاڪستان ٽرسٽ جي ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر خاوند نواز سيال، شرڪت ڪندڙن کي ٻارن جي صحت جي تحفظ، مقرر وقت تي حفاظتي ٽڪا لڳرائڻ ۽ ويڪسينيشن جي فائدن بابت تفصيلي آگاهي ڏني. ان موقعي تي هن والدين ۽ ٻارن جي سنڀال ڪندڙن تي زور ڏنو ته هو پنهنجن ٻارن کي مقرر ڪيل ويڪسينيشن شيڊول موجب سمورا ضروري حفاظتي ٽڪا لازمي لڳرائين جيئن ٻارن کي مختلف بيمارين کان بچائي سندن صحتمند مستقبل کي يقيني بڻائي سگهجي. هن چيو ته ٻارن جي مڪمل ويڪسينيشن نه رڳو انهن جي ذاتي صحت لاءِ ضروري آهي پر هڪ صحتمند ۽ محفوظ معاشري جي قيام ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. سيشن ۾ پي اي تير تي ايس ڊي محمد الياس ميمڻ ۽ ڊبليو ايڇ او جي نمائندي راجا سهيل ۽ سوشل ورڪر عامر علي مهر پڻ شرڪت ڪئي جڏهن ته ليڊي هيلٿ ورڪرز (LHWs)، ايس اير ليڊ عبدالوحيد شيخ ۽ سوشل موبلائيزرز زاهد حسين مهر ۽ آفتاب حسين مهر پڻ آگاهي سرگرمي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. سيشن دوران والدين کي حفاظتي ٽڪن جي رڪارڊ ڪارڊ کي محفوظ رکڻ ۽ مقرر وقت تي ٻارن کي حفاظتي ٽڪا لڳرائڻ ۽ آگاهي ڏني وئي. ان سان گڏ ڪميونٽي جي والدين ۽ ٻارن جي سنڀال ڪندڙن تي زور ڏنو ته هو ويڪسينيشن بابت غلط فهميون ختم ڪرڻ عوام جو اعتماد وڌائڻ ۽ صحت جي عملي سان گڏيل سهڪار کي هٿي ڏيڻ تي زور ڏنو ويو صحت مند ٻار هڪ محفوظ مستقبل — هر ٻار کي مڪمل حفاظتي ٽڪا لڳرائڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي.

لکي غلام شاهه: لکي ۾ وائيٽل پاڪستان ٽرسٽ جي سهڪار سان ڪميونٽي آگاهي ريلي ڪڍي پئي وڃي

گلشن ٽائون جي چيئرمين جي نئين ميونسپل ڪمشنر سان ملاقات

بلدياتي معاملن، ترقياتي منصوبن، صفائي سٿرائي ۽ ٻين معاملن تي ڳالهيون

گلشن ٽائون جي ترقي اسان جو عزم ۽ عوامي مسئلن جو حل پهرين ترجيح آهي: طارق عزيز

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گلشن جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ سان نئين مقرر ٿيل ميونسپل ڪمشنر سالڪ احمد پنو ملاقات ڪئي ملاقات دوران گلشن ٽائون جي بلدياتي معاملن، ترقياتي منصوبن، صفائي سٿرائي، نيڪال آب ۽ عوام کي بنيادي ميونسپل سهولتون فراهم ڪرڻ سميت مختلف اهم معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.ان موقعي تي چيئرمين ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گلشن طارق عزيز بلوچ چيو ته عوام جي خدمت اسان جي پهرين ترجيح، گلشن ٽائون جي ترقي اسان جو عزم ۽ عوامي مسئلن جو حل اسان جي بنيادي ذميواري آهي اسان جو مقصد رڳو ترقياتي منصوبن جي شروعات ڪرڻ ناهي پر انهن جا ثمر هر علائقي جي عوام تائين پهچائڻ آهي.هن چيو ته گلشن ٽائون جي شهري ڀلائي وارن علائقن ۾ هڪجهڙي بنياد تي بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ عوام جي زندگيءَ جو معيار بهتر بڻائڻ لاءِ اڻٿڪ قدم کڻڻ ضروري آهن صفائي سٿرائي، نيڪال آب، اسٽريٽ لائيٽن روڊن جي بهتري ۽ ٻين بنيادي بلدياتي سهولتن جي فراهميءَ واري مشن تي عمل پيرا آهيون عوام کي درپيش مسئلن جي حل ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي.

ڪراچي: ٽي ايم سي گلشن جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ جي ميونسپل ڪمشنر سان ملاقات ڪندي

پنجاب جي 38 آفيسرن تي ٻڌل وفد سکر جو مطالعاتي دورو

سکر، خيرپور ۽ گهوٽڪي جي تاريخي ۽ جاگرافيائي اهميت بابت بريفنگ

وفد کي سنڌ حڪومت پاران جاري مختلف ترقياتي ۽ عوامي ڀلائيءَ جي قدمن بابت آگاهي

سکر (بيورو رپورٽ) حڪومت پنجاب جي لوڪل گورنمينٽ اينڊ ڪميونٽي ڊولپمينٽ ڪاتي جي ٽئين چهن هفتن واري لازمي ترقي ترتيبي پروگرام جي سلسلي ۾ ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ پنجاب سيد سالڪ عظمت جي اڳواڻي ۾ 38 آفيسرن تي ٻڌل وفد سکر جو مطالعاتي دورو ڪيو ۽ ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي. ان موقعي تي ڪمشنر آفيس سکر پاران وفد کي سکر ڊويزن جي ٽن ضلعن سکر، خيرپور ۽ گهوٽڪي جي تاريخي ۽ جاگرافيائي اهميت، آبادي، مڪاني حڪومتن جي نظام ۽ ڪارڪردگي، تعليم، صحت، زراعت، يونيورسٽين، آبپاشيءَ جي نظام ۽ سرحدي علائقن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. وفد کي سنڌ حڪومت پاران جاري مختلف ترقياتي ۽ عوامي ڀلائيءَ جي قدمن بابت پڻ آگاهه ڪيو ويو. انهن قدمن ۾ ڪميونٽي ڊولپمينٽ پروگرام ذريعي عورتن کي بااختيار بڻائڻ، پيپلز هائوسنگ پروگرام تحت بي گهر ۽ مستحق ماڻهن لاءِ گهرن جي تعمير، تعليمي شعبي ۾ سڌارا ۽ نوان تعليمي ادارا قائم ڪرڻ جڏهن ته سنڌ جاب پورٽل ذريعي شفاف ۽ غيرجانبدار نموني روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ شامل آهن. ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي وفد کي خطاب ڪندي آفيسرن تي زور ڀريو ته وڌيڪ اهي مڪاني حڪومتن جي ادارن کي وڌيڪ مضبوط ۽ اثرائتو بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن ڇاڪاڻ ته شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ سندن مسئلا حل ڪرڻ مڪاني حڪومتن جي اهم ذميوارين ۾ شامل آهي ۽ شهرين کي صاف پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ، صفائي سٿرائيءَ کي يقيني بڻائڻ، ٽريفڪ جي بهتر انتظام، ٽائون پلاننگ، مختصر مدي واري رٿابندي ۽ جديد ضرورتن موجب عوامي مسئلا حل ڪرڻ کي اوليت ڏيڻ گهرجي. آفيسرن کي گهرجي ته اهي پنهنجي صلاحيتن، تجربي ۽ اختيارن کي عوامي خدمت لاءِ استعمال ڪن ۽ شهرين سان خوش اخلاقيءَ سان پيش اچڻ. ان موقعي تي ڪمشنر ايڊيشنل ڪمشنر اطهر ميمڻ، سکر ميونسپل ڪارپوريشن ۽ لوڪل گورنمينٽ ڪاتي سکر جا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا

***

سکر: پنجاب جي 38 آفيسرن تي ٻڌل وفد سکر جو مطالعاتي دوري دوران ڪمشنر سکر سان ملاقات ڪندي

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ڪيمپس گهوٽڪي ۾ پري انٽري ٽيسٽ

ڊاڪٽر سيد مقصود ضياءُ شاهه امتحاني مرڪز جو دورو ڪري انتظامن جو جائزو ورتو

داخلا ٽيسٽ ۾ شفافيت ۽ ميرٽ برقرار رکڻ لاءِ سمورا ضروري قدم کنيا ويا آهن: ڊاڪٽر سيد مقصود ضياءُ

گهوٽڪي(ن ع) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ڪيمپس گهوٽڪي ۾ تعليمي سال 2027ع لاءِ انڊر گريجوئيٽ پروگرامن ۾ داخلائن لاءِ پري انٽري ٽيسٽ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ 150 سيٽن لاءِ 300 شاگردن ۽ شاگردياڻين حصو ورتو ٽيسٽ بي ايس ڪمپيوٽر سائنس، بي ايس انگلش (لينگويج اينڊ لٽريچر) ۽ بي ايس بزنس ايڊمنسٽريشن پروگرامن ۾ داخلائن لاءِ ورتي وئي. وائيس چانسلر ميريٽوريس پروفيسر ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ جي هدايتن تي امتحاني انتظامن کي شفاف ۽ منظم بڻايو ويو ان موقعي تي پرو وائيس چانسلر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ڪيمپس گهوٽڪي ڊاڪٽر سيد مقصود ضياءُ شاهه امتحاني مرڪز جو دورو ڪري انتظامن جو جائزو ورتو ۽ امتحاني عمل جي نگراني ڪئي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊاڪٽر سيد مقصود ضياءُ شاهه چيو ته شاگردن ۽ شاگردياڻين کي معياري تعليم فراهم ڪرڻ ۽ ميرٽ جي بنياد تي داخلائن کي يقيني بڻائڻ وائيس چانسلر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميريٽوريس پروفيسر ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي هن چيو ته داخلا ٽيسٽ ۾ شفافيت ۽ ميرٽ برقرار رکڻ لاءِ سمورا ضروري قدم کنيا ويا آهن جيئن اهل اميدوارن کي پنهنجي صلاحيتن جي بنياد تي اڳتي وڌڻ جا برابر موقعا ملي سگهن هن ٻڌايو ته داخلا ٽيسٽ لاءِ 350 کان وڌيڪ درخواستون وصول ٿيون جن جي جانچ ڪانپوءِ لڳ ڀڳ 300 اميدوارن کي اهل قرار ڏنو ويو هن وڌيڪ چيو ته گهوٽڪي ڪيمپس ۾ اعليٰ تعليم جي واڌاري ۽ نوجوانن کي بهتر تعليمي موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري رکيون وينديون انتظاميا پاران اميدوارن لاءِ پيئڻ جي صاف پاڻي سميت بنيادي سهولتون فراهم ڪيون ويون جڏهن ته سيڪيورٽي لاءِ پوليس اهلڪار پڻ مقرر ڪيا ويا ڊاڪٽر سيد مقصود ضياءُ شاهه داخلا ٽيسٽ جي ڪامياب انعقاد ۾ تعاون ڪرڻ تي سمورن فيڪلٽي ميمبرن، ٽيچنگ اسٽاف، ايڊمن اسٽاف، ميڊيا ۽ پوليس ڪاتي جا ٿورا مڃيندي چيو ته سمورن لاڳاپيل ماڻهن جي گڏيل ڪوشش ۽ سهڪار سان امتحاني عمل خوش اسلوبيءَ سان مڪمل ٿيو

ڪوهستان ۾ جا اٽي جي ڳاٽي ٽوڙ اگهن متين ٿي منجهائي ڇڏيون

نوري آباد (ن ع) ڪوهستان جي علائقي ڏڪار جي مصيبت ۾ اچڻ کان پوءِ ڏڪارين جا اٽي جي ڳاٽي ٽوڙ اگهن متين ٿي منجهائي ڇڏيون غريب طبقو ويلا ماني لاءِ پريشان ٿي ويو آهي ڏڪار جي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ضلعي انتظاميه ڄامشورو پاران ڪي به اپاءَ نه ورتا ويا دڪاندارن ۽ فلور ملز جي مالڪن طرفان ڳرا ريٽ مقرر ڪري ڇڏيا آهن جنهن سبب غريب ماڻهو بکون ڪاٽڻ تي مجبور ۽ فاقا ڪشي واري زندگي گذاري رهيا آهن ڪوهستان واسين ضلعي انتظاميه ڄامشورو کي مطالبو ڪيو آهي ته سستي سامان جا اسٽال ڪوهستان جي ڏڪار علائقي جي هر يونين ڪائونسل ۾ لڳايا وڃن ته جيئن غريب عوام کي هن بدترين ڏڪاري حالتن ۾ اٽي جو رليف ملي سگهي

شهباز ٽائيڪوانڊو اڪيڊمي جي اهتمام هيٺ هفتيوار ٽائيڪوانڊو چيمپئن شپ

سکر (بيورو رپورٽ) شهباز ٽائيڪوانڊو اڪيڊمي جي اهتمام هيٺ هفتيوار ٽائيڪوانڊو چيمپئن شپ المهران ڪلچرل هال سکر ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ پي ايس ٽي ضلعي سکر جي صدر محمد رضوان قادري سميت ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي. چيمپئن شپ ۾ شهباز ٽائيڪوانڊو اڪيڊمي جي رانديگرن ڀرپور حصو ورتو ۽ رانديگرن شاندار ٽائيڪوانڊو مقابلا ڊيموز ۽ پنهنجي صلاحيتن جو بهترين مظاهرو ڪيو جڏهن ته ڪيترن ئي رانديگرن پهرين ۽ ٻي پوزيشن حاصل ڪئي. تقريب جي خاص مهمان محمد رضوان خان قادري ڪامياب رانديگرن ۾ ميڊلز ۽ انعام ورهايا ان موقعي تي هن چيو ته سکر ۾ رانديگرن جي اهڙين سرگرمين جي هئڻ ڏاڍي انتهائي ضروري آهي ٽائيڪوانڊو رڳو هڪ راند ناهي پر اها ٻارن ۾ خوداعتمادي، خودداري ۽ پنهنجي بچاءَ جون صلاحيتون پڻ پيدا ڪري ٿي هن ٻارن جي جوش ۽ جذبي کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي ته اهي ٻار مستقبل ۾ سکر پنهنجي والدين ۽ پاڪستان جو نالو روشن ڪندا مهمان خاص ماسٽر عبدالرزاق راجپوت ...

حيسڪو ٽنڊوالهيار سب ڊويزن ون جي عملدارن جو بجلي چورن ۽ باقيدارن خلاف ايڪشن

ايس ڊي او سيد اظهر حسين شاهه جي اڳواڻي ۾ بجلي چورن ۽ باقيدارن خلاف ڪارروايون ڪندي ڪنيڪشن ڪاٽيا ويا

حيسڪو سٽي 3 فيڊر جي لائن سان لاڳاپيل مختلف ڳوٺن ۾ بجلي جا رهتون ادا نہ ڪندڙ صارفين ۽ بجلي چوري خلاف ڪارروايون

پنهنجون رهتون جلد کان جلد ادا ڪن، ٻي صورت ۾ رهتون ادا نہ ڪندڙ صارفين خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي: اظهر حسين شاهه

عثمان شاهه هري (رپورٽ: اي جي عاقلاڻي) حيسڪو ٽنڊوالهيار سب ڊويزن ون جي ايس ڊي او سيد اظهر حسين شاهه جي اڳواڻي ۾ حيسڪو سٽي 3 فيڊر جي لائن سان لاڳاپيل سب ڊويزن ون جي اهلڪارن سان گڏ حيسڪو سٽي 3 فيڊر جي لائن سان لاڳاپيل مختلف ڳوٺن ۾ بجلي جا رهتون ادا نہ ڪندڙ صارفين ۽ بجلي چوري خلاف ڪارروايون ڪيون، دوران ڪارروائي رهتون ادا نہ ڪندڙ صارفين جا بجلي جا ڪنيڪشن ڪاٽيا ويا، بجلي چورن ۽ استعمال ٿيندڙ سروس تارون ۽ لائيٽون ويون ان موقعي تي ايس ڊي او سيد اظهر حسين شاهه بجلي صارفين کي خبردار ڪندي چيو ته پنهنجون رهتون جلد کان جلد ادا ڪن ٻي صورت ۾ رهتون ادا نہ ڪندڙ صارفين خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي.

عثمان شاهه هري: حيسڪو ٽنڊوالهيار سب ڊويزن ون جي عملدارن جو بجلي چورن ۽ باقيدارن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

حيدرآباد جي مدينا ٽائون جي رهواسين جو احتجاجي مظاهرو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي مدينا ٽائون جي رهواسي عورتن هنڌڻي ۽ چلڪري ٿاڻي جي پوليس جي مبينا زيادتين خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي صغران چانديو حضوران ۽ ٻين الزام هڻندي چيو ته 10 ڏينهن اڳ هنڌڻي ۽ چلڪري ٿاڻي جي پوليس سندن گهر تي چڙهائي ڪري ڪوڙي سان مهمان ٿي آيل 11 ڄڻن کي بنا جواز گرفتار ڪري وٺي هئي احتجاج ڪندڙ عورتن موجب پوليس قاسم عاصم ۽ ٻين کي مبينا طور 10 هزار رپيا رشوت وٺڻ بعد آزاد ڪري ڇڏيو جڏهن ته نوجوان احمد علي کي اڃا تائين گم ڪيو ويو آهي هنن الزام هنيو ته پوليس نوجوان جي آزاديءَ لاءِ 5 لک رپيا رشوت طلب ڪري رهي آهي هنن چيو ته پوليس جي مبينا زيادتين خلاف لاڳاپيل عملدارن وٽ به دانهيو آهي پر سندن دانهن جو ڪو به تدارڪ نه ٿي سگهيو جنهن سبب هو مجبورن احتجاج ڪرڻ لاءِ نڪتيون آهن هنن اعليٰ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو ته احمد خان چانڊيو کي ترت آزاد ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

پنوعاقل جي ڳوٺ سومر خان گوپانگ جي رهواسين جو احتجاج

گوپانگ برادري جي ٿي ڪجهه بااثر ماڻهن جي مبينا ظلمن خلاف احتجاج ڪيو ويو

مبينا طور ڦُر ڪيل سامان واپس ڪرائڻ ۽ متاثر خاندانن کي تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) پنوعاقل جي ڳوٺ سومر خان گوپانگ جي رهواسين گوپانگ برادري جي ٿي ڪجهه بااثر ماڻهن جي مبينا ظلمن، ناانصافين ۽ پوليس پاران ڪارروائي نه ڪرڻ خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهرين جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪرڻ مبينا طور ڦر ڪيل سامان واپس ڪرائڻ ۽ متاثر خاندانن کي تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو احتجاج ۾ زاهد حسين گوپانگ، شاهنواز گوپانگ، اقبال گوپانگ، رفيق احمد گوپانگ، صدورو گوپانگ، عمران گوپانگ ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي مظاهرين پنهنجي مٿان ٿيندڙ مبينا زيادتين خلاف نعريبازي ڪندي اعليٰ اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪئي.

سکر: پنوعاقل واسي گوپانگ برادري جا ماڻهو احتجاجي مظاهرو ڪندي

حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جي ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج جاري

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جي ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 102 ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ڏاڪٽر الله محمد نديم شاهد خان،جاويد پٽي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي هنن چيو ته حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيو ته 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نہ ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته ڪارپوريشن ۾ سي اي او، فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف مزدور دشمني آهي هنن چيو ته اداري جي هر مهيني ڪروڙين رپين جي وصولي هجڻ باوجود تنخوا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، وزير بلديات کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

ميهڙ ۾ ميونسپل ڪاميٽي جي مبينا نااهلي خلاف احتجاج جاري

شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي مسلسل 32هين ڏينهن به احتجاجي ريلي

ميهڙ شهر جا رهواسي ڊگهي عرصي کان بنيادي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن: اڳواڻ

ميهڙ(ن ع) ميهڙ ۾ ميونسپل ڪاميٽي جي مبينا نااهلي ۽ شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم نہ ڪرڻ خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي مسلسل 32هين ڏينهن به احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. احتجاجي ريلي جي اڳواڻي شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي برڙو ڪئي، جڏهن ته مختلف سياسي سماجي ۽ مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن، يونائيٽيڊ پارٽي (ايس يو پي) جي ضلعي صدر سڪندر علي سوين ايڊووڪيٽ عابد حسين ڪلهوڙو، پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ محمد ايوب ڪوسو اهل سنت والجماعت جي اڳواڻ حافظ منظور علي چانڊيو عبدالفتاح شاهه، زبير علي سمون نبيل پنهور ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي ۽ احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ميهڙ شهر جا رهواسي ڊگهي عرصي کان بنيادي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن پر لاڳاپيل ادارن پاران شهرين جي مسئلن جي حل لاءِ ڪو به عملي قدم نہ کنيو پيو وڃي شهر ۾ صفائي سٿرائي، پيئڻ جي صاف پاڻي، صحت ۽ تعليم جهڙين بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ انتظاميا جي ذميواري آهي پر شهرين کي انهن سهولتن جي فراهمي لاءِ احتجاج ڪرڻو پئجي رهيو آهي اڳواڻن مطالبو ڪيو ته ميهڙ جي سرڪاري اسپتالن ۾ مريضن لاءِ ضروري دوائن جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي جيئن غريب ۽ مسڪين مريضن کي علاج دوران ڏکيائين کي منهن نہ ڏيڻو پوي، هنن چيو ته صحت جون سهولتون هر شهري جو بنيادي حق آهن ۽ اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ ختم ڪري علاج جون بهتر سهولتون مهيا ڪيون وڃن هنن تعليم جي صورتحال تي ڳالهائيندي مطالبو ڪيو ته شهر جي سمورن اسڪولن ۾ معياري تعليم جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ شاگردن کي مفت درسي ڪتاب فراهم ڪيا وڃن جيئن غريب خاندانن جا ٻار به تعليم حاصل ڪري پنهنجو مستقبل روشن ڪري سگهن اڳواڻن پيئڻ لاءِ صاف ۽ ملو پاڻي فراهم ڪرڻ سان گڏ ميهڙ شهر جي سمورين ڪالونين ۾ صفائي سٿرائيءَ جا مناسب انتظام ڪيا وڃن. ڪچري جي بروقت صفائي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن جيئن شهرين کي روزمره جي زندگي ۾ پيش ايندڙ تڪليفن کان ڇوٽڪارو ملي سگهي. شهري اتحاد جي اڳواڻن چيو ته ميهڙ جي عوام کي صحت، تعليم صاف پاڻي ۽ صفائي جهڙين بنيادي سهولتن کان محروم رکڻ قبول نہ آهي شهرين جا مسئلا حل ڪرڻ بدران کين احتجاج ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ افسوسناڪ آهي هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ميونسپل ڪاميٽي سميت سمورا ذميوار ادارا پنهنجيون ذميواريون ادا ڪن ۽ عوام جا جائز مطالبا فوري طور پورا ڪيا وڃن اڳواڻن اختيارين کي اپيل ڪئي ته ميهڙ شهر جي مسئلن کي سنجيدگي سان وٺي عملي طور قدم کنيا وڃن جيئن شهرين کي بنيادي سهولتون سندن در تي فراهم ٿي سگهن هنن واضح ڪيو ته عوامي مسئلن جي حل تائين احتجاج ذريعي پنهنجو آواز بلند ڪرڻ جو سلسلو جاري رکيو ويندو.

ميهڙ: شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي مسلسل 32هين ڏينهن به احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

سڪرنڊ ۾ مڪي واسي حاجي نظام الدين انڙ حاجي امام الدين انڙ ۽ محمد افضل خانزاده جي مان ۾ آجياڻو

سڪرنڊ (ن ع) ڪائنات جي حسين ۽ مقدس سرزمين مڪي شريف مان آيل مڪي واسي حاجي نظام الدين انڙ حاجي امام الدين انڙ ۽ محمد افضل خانزاده جن جي مان ۾ مگسي برادري جي معزز شخصيتن حاجي منير احمد مگسي ۽ حاجي نظير احمد مگسي پاران مگسي هائوس سڪرنڊ تي شاندار آجياڻي جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ مگسي برادريءَ ڪانسواءِ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي جن ۾ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي طاهر مگسي گل محمد مگسي طارق مري، غلام محمد رند، ڊاڪٽر عبدالغفور مگسي شرف الدين مگسي، رسول بخش رند، منظور حسين پاهي، زاهد حسين مگسي گل انقلابي رياض حسين مگسي، شهروز انصاري، ذوالفقار مگسي جمشيد علي پاهي امتياز علي رند ۽ خالد حسين مري شامل هئا.

پ پ اڳواڻ ڏاڏا غلام شاهه لغاري پاران تيرنهن زئوارن جي مان ۾ آجياڻو

سڪرنڊ (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳوڻي ضلعي جنرل سيڪريٽري ڏاڏا غلام شاهه لغاري پاران ڏاڙو ايران مان سينيئر سياستدان علي اڪبر جمالي جي اڳواڻيءَ ۾ مقدس زيارتون ڪري ايندڙ 13 تيرنهن زئوارن جي مان ۾ لاشاري هائوس سڪرنڊ تي اجياڻي ۽ رات جي ماني جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ زوارن ڪانسواءِ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي جن ۾ سنڌ ۾ فيصلن جي راڄوڻي امين حاجي علي نواز چانڊيو علي شير ڪوسو علي گل جلباڻي حاجي غلام مرتضيٰ ڏهيو حاجي مراد علي ملاح راڄو خان جلباڻي قاضي جاويد سنائي سيد فياض شاهه حاجي اڪرام لغاري، امام الدين جلباڻي . منصور لغاري، عبدالنبي جمالي علي شير لاکو وسيم احمد لغاري ۽ نبي بخش جلباڻي سميت ڪئي

ميهڙ اي سيڪشن پوليس جي ڪامياب ڪارروائي

ميهڙ(ن ع) ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي جي هدايتن تي ضلعي اندر ڏوهارين خلاف هلندڙ مهم دوران ميهڙ اي سيڪشن پوليس جي ڪامياب ڪارروائي ايس ايڇ او ميهڙ اي سيڪشن انسپيڪٽر مظهر علي نائچ ۽ مددگار 15 انچارج سرمد علي ڪوسو جي سربراهي ۾ پوليس ٽيم ڪارروائي ڪندي موٽر سائيڪل چوري جي وارداتن ۾ ملوث هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته سندس به ساٿي فرار ٿي ويا گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ آزاد ولد طارق چانڊيو طور ٿي آهي جاچ دوران جوابدار جي قبضي مان چوري جون 2 موٽر سائيڪلون هٿ ڪيون ويون جڏهن ته موقعي تان فرار گينگ جي ٻين ميمبرن ۾ جوابدار سراج عرف سارو جتوئي ۽ سمير سودر شامل آهن جن جي گرفتاري لاءِ وڌيڪ ڇاپا هنيا پيا وڃن ان سلسلي ۾ اي ايس آءِ اورنگزيب ٽنيو پاران سرڪاري فرياد تي ميهڙ اي سيڪشن ٿاڻي تي ڏوهه نمبر 396/26 ڏوهه قلم 411 , 413 PPCتحت سرڪاري مدعيت ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ايس ايس پي دادو پوليس ٽيم کي ساراهيندي شاباس ڏني ۽ چيو ته شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت ۽ چوري ٿيل ملڪيت جي برآمدگي لاءِ ڪارروايون وڌيڪ تيز ڪيون وڃن

سکر شهر ۾ ڪروڙين رپين جي لاڳت سان قائم ڪيل گرين بيلٽس انتظامي نااهلي سبب اجڙڻ لڳا

آواره مال متاع ڏينهن ڏٺي جو گرين بيلٽس ۾ داخل ٿي ٻوٽن ۽ وڻن کي نقصان پهچائڻ لڳو، عملو گم

سار سنڀال لاءِ اثرائتا قدم نہ کڻڻ سبب شهر جي خوبصورتيءَ لاءِ خرچ ڪيل وڏي رقم جي استعمال بابت سوال اٿڻ لڳا

گرين بيلٽس جي حفاظت، ٻوٽن ۽ وڻن جي مناسب سار سنڀال ۽ آواره مال متاع جي اچ وڃ روڪڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن: شهري

سکر (بيورو رپورٽ) سکر شهر ۾ ڪروڙين رپين جي لاڳت سان قائم ڪيل گرين بيلٽس لاڳاپيل انتظاميا ۽ عملي جي مبينا غفلت سبب اجڙڻ لڳيون آهن جڏهن ته آواره مال متاع ڏينهن ڏٺي جو گرين بيلٽس ۾ داخل ٿي ٻوٽن ۽ وڻن کي نقصان پهچائي رهيا آهن گرين بيلٽس جي حفاظت ۽ سار سنڀال لاءِ اثرائتا قدم نہ کڻڻ سبب شهر جي خوبصورتيءَ لاءِ خرچ ڪيل وڏي رقم جي استعمال بابت سوال اٿڻ لڳا آهن. ميونسپل ڪارپوريشن جي ڪمشنر لاڳاپيل ٽائون چيئرمين وائيس چيئرمين ۽ 24 رڪني ٽيم جي موجودگيءَ باوجود گرين بيلٽس کي آواره مال متاع کان محفوظ نہ بڻائڻ جون شڪايتون سامهون اچي رهيون آهن. شهرين مطالبو ڪيو آهي ته گرين بيلٽس جي حفاظت، ٻوٽن ۽ وڻن جي مناسب سار سنڀال ۽ آواره مال متاع جي اچ وڃ روڪڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن ته جيئن عوامي فنڊن سان قائم ڪيل گرين بيلٽس کي وڌيڪ تباهيءَ کان بچائي شهر جي خوبصورتي برقرار رکي سگهجي.

ميرپورخاص شهر جي مختلف علائقن ۾ مبينا طور منشيات جي وڪري جون شڪايتون

منشيات جي وڪري جون شڪايتون سامهون اچڻ بعد پوليس ۽ انتظاميا جي ڪارڪردگيءَ تي سوال اٿڻ لڳا

ڊالر ڪٽ، محمود آباد، پاڪ ڪالوني، آدم ڪمپائونڊ ۽ لال چند آباد سميت مختلف علائقن ۾ منشيات وڪامڻ لڳي

منشيات جي مبينا وڪري خلاف بنا ڪنهن ڊٻاءُ شفاف ۽ اثرائتي ڪارروائي ڪئي وڃي، داخل ايف آءِ آرز بابت حقيقتون سامهون آنديون وڃن: شهري

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص شهر جي مختلف علائقن ۾ مبينا طور منشيات جي وڪري جون شڪايتون سامهون اچڻ بعد پوليس ۽ انتظاميا جي ڪارڪردگيءَ تي سوال اٿي رهيا آهن شهر جي ڊالر ڪٽ، محمود آباد، پاڪ ڪالوني، آدم ڪمپائونڊ ۽ لال چند آباد سميت مختلف علائقن ۾ مين پڙي، سفينا ۽ چرس جي مبينا وڪري جون شڪايتون ڪيون پيون وڃن شهرين جي دعويٰ آهي ته مبينا طور منشيات جي ڪاروبار سان لاڳاپيل ملڪ علاؤالدين خلاف 9 کان وڌيڪ ايف آءِ آرز داخل ٿيڻ باوجود منشيات جي وڪري بابت شڪايتون برقرار آهن شهرين مطالبو ڪيو آهي ته لاڳاپيل ٿاڻي ۾ داخل ڪيسن جي تفصيلن ۽ موجوده صورتحال جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي شهرين جو چوڻ هو ته جيڪڏهن منشيات جي خاتمي لاءِ ڪارروايون ڪيون پيون وڃن ته پوءِ مختلف علائقن مان اهڙيون شڪايتون ڇو سامهون اچي رهيون آهن؟ شهرين موجب پوليس ۽ لاڳاپيل ادارن کي ان معاملي جو سنجيدگيءَ سان جائزو وٺڻ گهرجي ته جيئن مبينا منشيات فروشي جي ضابطو آڻي سگهجي.سماجي حلقن ۽ شهرين ميرپورخاص جي اعليٰ انتظاميا، پوليس جي اعليٰ آفيسرن ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته منشيات جي مبينا وڪري خلاف بنا ڪنهن ڊٻاءُ شفاف ۽ اثرائتي ڪارروائي ڪئي وڃي، داخل ايف آءِ آرز بابت حقيقتون سامهون آنديون وڃن ۽ نوجوان نسل کي منشيات جي نقصانڪار اثرن کان بچائڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن شهرين مطالبو ڪندي

****

سکر: شهباز ٽائيڪوانڊو اڪيڊمي اهتمام هيٺ منعقد چيمپئن شپ جي تصويرون

روهڙي ۽ نارا ڪينال جي خوبصورتيءَ ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پبلڪ پارڪ جي تعمير بابت اجلاس

ڪمشنر سکر پاران پارڪ جي تعمير لاءِ تجويز ڪيل هنڌ، انتظامي معاملن ۽ لاڳاپيل کاتن جي اعتراضن جو جائزو ورتو ويو

منصوبي جي منتقلي بابت اجلاس جا منٽس تيار ڪري لاڳاپيل اختيارين ڏانهن موڪليا پيا وڃن: عابد سليم قريشي

سکر (بيورو رپورٽ) ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي جي صدارت هيٺ روهڙي ۾ نارا ڪينال جي خوبصورتيءَ ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پبلڪ پارڪ جي تعمير بابت هڪ اهم اجلاس ڪمشنر آفيس سکر جي ڪانفرنس هال ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه وڊيولنڪ ذريعي شرڪت ڪئي اجلاس دوران روهڙي ۾ نارا ڪينال جي ڪناري ... جائزو ورتو ويو اجلاس کي خطاب ڪندي ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي چيو ته روهڙي ۾ نارا ڪينال پرسان تجويز ڪيل منصوبي لاءِ لاڳاپيل کاتن کان اين او سي حاصل نہ ٿيڻ ۽ زراعت کاتي، پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ (پي اينڊ ڊي) کاتي سميت ٻين لاڳاپيل ادارن جي اعتراضن سبب پارڪ جي تعمير لاءِ متبادل هنڌ چونڊيو ويو آهي ان سلسلي ۾ ... منتقلي بابت اجلاس جا منٽس تيار ڪري لاڳاپيل اختيارين ڏانهن موڪليا پيا وڃن جيئن تجويز ڪيل نئين هنڌ تي معياري عوامي پارڪ جي تعمير لاءِ ايندڙ ضروري ڪارروائي مڪمل ڪري سگهجي. پارڪ جي تعمير جو مقصد شهرين کي تفريح صحتمند سرگرمين ۽ بهتر ماحول جون سهولتون فراهم ڪرڻ آهي ان موقعي تي چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه ...

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعدہ تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 14 آڪٽوبر 2026ع

ٽيڪس چوريءَ جي روڪٿام، واپارين لاءِ قرض ۽ نوجوانن لاءِ نوان موقعا

وزيراعظم شهباز شريف پاران ٽيڪس چوري روڪڻ، ننڍين ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن لاءِ قرضن ۾ واڌ ۽ نوجوانن کي جديد ڄاڻ ڏيڻ بابت هدايتون ڏنيون آهن. وزيراعظم پيداوار جي سمورن شعبن ۾ وڪرو تي لاڳو محصول جي وصوليءَ جي نگرانيءَ وارو نظام هلندڙ سال جي پڄاڻيءَ تائين مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. سندس چوڻ آهي ته جيڪي واپاري گراهڪن کان محصول وصول ڪرڻ باوجود اهو سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرائڻ بدران پنهنجي کيسي ۾ وجهن ٿا، سي ڪنهن به رعايت جا حقدار ناهن. اها ڳالهه اصولي طور درست آهي. ڇاڪاڻ ته گراهڪن کان وصول ڪيل محصول سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرائڻ ڪاروباري ادارن جي ذميواري آهي. جيڪڏهن ڪو ادارو ماڻهن کان محصول وصول ڪري ٿو پر اهو حڪومت تائين نٿو پهچائي ته ان عمل سان نه رڳو سرڪاري آمدنيءَ کي نقصان پهچي ٿو پر ايمانداريءَ سان ڪاروبار ڪندڙ ماڻهن سان به ناانصافي ٿئي ٿي. وفاقي روينيو بورڊ جي سڌارن بابت اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته کنڊ، سيمينٽ، تماڪ، ٽائيلن ۽ پاڻي جي شعبن ۾ پيداوار جي نگرانيءَ وارو نظام لڳايو ويو آهي. ڪپڙي، پيڪ ٿيل پاڻي، ميوي جي رس ۽ پيڪ ٿيل کير جي شعبن ۾ به اهو نظام لڳائڻ جو ڪم جاري آهي. جڏهن ته لوهه ۽ فولاد، ڪڪڙن جي پالنا ۽ گاڏين جي ٽائرن جي شعبن لاءِ گهريل اوزارن جي خريداري 15 آڪٽوبر ۽ جانچ، گهريلو بجليءَ جي سامان، چمڙي، ڪاغذ، گٽي، تيل ۽ گيهه جي شعبن لاءِ 30 آڪٽوبر تائين مڪمل ڪرڻ جو رٿيو ويو آهي. حڪومتي رٿا موجب انهن سمورن شعبن ۾ نگرانيءَ وارو نظام 31 ڊسمبر تائين مڪمل طور ڪم ڪرڻ لڳندو.

هن نظام جي ڪاميابيءَ لاءِ رڳو اوزار لڳائڻ ڪافي نه هوندو. ضروري آهي ته پيداوار، وڪري ۽ محصول جي وصوليءَ بابت انگن اکرن جي باقاعدي جاچ ڪئي وڃي ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ادارن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي ٿئي. ساڳئي وقت ننڍن ڪاروبارن کي غيرضروري ڪارروائيءَ ۽ ڏکيائين کان بچائڻ، محصول جي نظام کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيڻ ۽ ڪاروباري قاعدن کي سادو بڻائڻ به حڪومت جي ذميواري آهي. ٽيڪس جو دائرو وڌائڻ جو مقصد رڳو وڌيڪ رقم گڏ ڪرڻ نه پر اهڙو نظام جوڙڻ هجڻ گهرجي، جنهن ۾ هر ماڻهو پنهنجي وس آهر مناسب حصو ڏئي ۽ سرڪاري آمدنيءَ جي چوريءَ جا رستا بند ٿين. ان سان گڏ وزيراعظم ننڍين ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن کي ڏنا ويندڙ قرض جي مجموعي رقم 2028ع تائين هڪ کرب ڏهه ارب روپين مان وڌائي ٻه کرب ويهه ارب روپيا ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. ننڍا ڪاروبار روزگار پيدا ڪرڻ، مقامي پيداوار وڌائڻ ۽ ماڻهن کي پنهنجن پيرن تي بيهارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. خاص طور تي پٺتي پيل علائقن ۾ ماڻهن کي ڪاروبار شروع ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ سان غربت گهٽائڻ ۽ علائقائي ترقيءَ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. پر ان لاءِ قرضن جي ورهاست شفاف هئڻ گهرجي. وياج ۽ واپسيءَ جا شرط ڪاروباري حالتن سان ٺهڪندڙ هجن ۽ قرض واقعي انهن ماڻهن تائين پهچن، جن کي ان جي ضرورت آهي. حڪومت کي اهو به ڏسڻو پوندو ته قرض حاصل ڪرڻ لاءِ ڪاغذي ڪارروائي، ضمانتن ۽ ٻين گهرجن سبب ننڍا واپاري پريشان نه ٿين. عورتن، نوجوانن ۽ پٺتي پيل علائقن جي ماڻهن کي به ڪاروبار شروع ڪرڻ لاءِ مناسب سهائتا ملڻ گهرجي. قرض ڏيڻ کان پوءِ ڪاروبار هلائڻ بابت سکيا، بازار تائين پهچ ۽ پيداوار جي وڪري ۾ مدد فراهم ڪئي وڃي ته جيئن ماڻهو پنهنجو ڪاروبار قائم رکي سگهن ۽ قرض واپس ڪرڻ جي سگهه به حاصل ڪن. ٽيڪس چوريءَ جي روڪٿام سان گڏ ننڍن ڪاروبارن کي سهارو ڏيڻ ۽ نوجوانن لاءِ جديد هنر جا دروازا کولڻ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل مقصد آهن. جيڪڏهن حڪومت انهن رٿائن تي مقرر مدي اندر عمل ڪرائي، قرضن جي منصفاڻي ورهاست يقيني بڻائي ۽ نوجوانن جي صلاحيتن کي روزگار سان ڳنڍي سگهي ته ملڪ جي معيشت کي مضبوط بنياد ملي سگهن ٿا. هاڻي ضرورت اعلانن کان اڳتي وڌي عملي ڪارڪردگي ڏيکارڻ جي آهي. ڇاڪاڻ ته معاشي خوشحاليءَ جو اصل معيار حڪومتي بيان نه پر عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ ايندڙ سڌارو آهي.

ايل نينو جو وڌندڙ خطرو: سنڌ جي زراعت ۽ ايندڙ مون سون جو سوال!

محمد اسلم سميجو

ٿر جي واريءَ تي وسندڙ مينهن جا ڪجهه ڦڙا رڳو زمين کي آلو ناهن ڪندا پر هزارين خاندانن جي اميدن کي به جيئاريندا آهن. ٿر ۾ برسات پوڻ جو مطلب چوپائي مال لاءِ گاهه، پوک لاءِ پاڻي ۽ زندگيءَ جي گاڏي کي اڳتي وڌائڻ جو سهارو آهي. پر جيڪڏهن هتي برسات وقت تي نٿي پوي، گرمي وڌي وڃي ٿي ۽ پاڻيءَ جا ذخيرا گهٽجڻ لڳن ٿا ته اها ٿي ڌرتي ڏڪار جي ڏکيائيءَ ۾ ڦاسي سگهي ٿي. اهڙي وقت ۾ پئسفڪ سمنڊ مان ايندڙ هڪ موسمياتي خبر اسان لاءِ اهم بڻجي وڃي ٿي. آمريڪي اداري نوئا (NOAA) جي 8 آڪٽوبر 2026ع جي واري رپورٽ موجب ايل نينو وڌيڪ مضبوط ٿيڻ جي اميد آهي ۽ 2027ع جي شروعات تائين ان جي طاقتور رهڻ جا امڪان آهن. سوال اهو آهي ته ڇا ايل نينو جي اها صورتحال سنڌ، خاص ڪري ٿرپارڪر عمرڪوٽ ۽ اڇڙي ٿر لاءِ ڪنهن خطري جي گهنٽي ته نه آهي؟ ايل نينو پئسفڪ سمنڊ جي هڪ اهڙي موسمياتي حالت آهي، جنهن ۾ سمنڊ جو پاڻي معمول کان وڌيڪ گرم ٿي وڃي ٿو. اها گرمي هوا جي وهڪرن ۽ ڪڪرن جي نهڻ تي اثر وجهي ٿي، جنهن سان دنيا جي مختلف علائقن ۾ برسات جو نظام بدلجي سگهي ٿو. ڪٿي برساتون وڌي وڃن ٿيون ته ڪٿي پاڻيءَ جي کوٽ ۽ ڏڪار جا امڪان پيدا ٿين ٿا.

نوئا جي رپورٽ موجب سيپٽمبر 2026ع ۾ پئسفڪ سمنڊ جي اهم حصي، نينو 3.4 ۾ پاڻيءَ جو گرمي پد معمول کان 2.1 ڊگري سينٽي گريڊ وڌيڪ رڪارڊ ڪيو ويو. اڳڪٿين ۾ ايل نينو جي تمام گهڻو مضبوط ٿيڻ جا امڪان ظاهر ڪيا ويا آهن. پر هتي هڪ ڳالهه سمجهڻ ضروري آهي ته ايل نينو دنيا جي هر ملڪ لاءِ هڪجهڙو موسمياتي نتيجو پيدا نٿو ڪري. ان جو اثر مقامي هوائن، ساموندي حالتن ۽ ٻين موسمي نظامن سان گڏجي ظاهر ٿئي ٿو.

ٿرپارڪر عمرڪوٽ ۽ اڇڙي ٿر جي زندگيءَ جو وڏو دارومدار برسات تي آهي. ٿر ۾ مينهن گهٽ پوي ٿو ته رڳو زمين نٿي سُڪي پر چوپائي مال لاءِ گاهه گهٽ ٿئي ٿو، فصل متاثر ٿين ٿا، پيئڻ جي پاڻيءَ جا مسئلا وڌن ٿا ۽ غريب خاندانن جي آمدنيءَ تي به اثر پوي ٿو. ٿر جو ماڻهو آسمان ڏانهن نهاريندي رڳو ڪڪرن جو انتظار نٿو ڪري، هو پنهنجي ٻچن جي روزي، پنهنجي مال جي بقا ۽ ايندڙ فصل جي اميد به ڪندو آهي. ان ڪري موسم ۾ ڪنهن به اهڙي تبديلي، جيڪا برسات تي اثر وجهي سگهي، ان کي سنجيدگيءَ سان وٺڻ گهرجي. ايل نينو جي مضبوط ٿيڻ سان سنڌ ۾ گرمي ۽ برسات جي صورتحال بابت خدشا ضرور پيدا ٿين ٿا پر ان بنياد تي اهو چوڻ ته ٿر ۾ لازمي ڏڪار پوندو يا ايندڙ مُون سُون ناڪام ٿيندو، درست نه ٿيندو. ان لاءِ پاڪستان جي موسميات کاتي جون علائقي وار اڳڪٿيون، برسات جا انگ اکر ۽ ٻين موسمياتي نظامن جي صورتحال ڏسڻ ضروري آهي.

سنڌ جي معيشت ۾ زراعت ۽ چوپائي مال جي اهم حيثيت آهي. جيڪڏهن گرمي وڌي ٿي ۽ برسات ۾ کوٽ پيدا ٿئي ٿي ته پاڻيءَ جي گهرج وڌي سگهي ٿي، فصلن کي نقصان پهچي سگهي ٿو ۽ مالوندن لاءِ چاري ۽ پاڻيءَ جو بندوبست ڏکيو ٿي سگهي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ سڀ کان وڌيڪ تڪليف انهن خاندانن کي ٿيندي، جيڪي اڳ ئي محدود وسيلن تي زندگي گذارين ٿا. ٿر جي ڏڪار جو اثر رڳو هڪ ڳوٺ تائين محدود نٿو رهي، بلڪه اهو روزگار، مال جي واپار، خوراڪ ۽ خاندانن جي معاشي حالت تائين پکڙجي سگهي ٿو.

ان ڪري ضروري آهي ته لاڳاپيل ادارا رڳو ڏڪار اچڻ کانپوءِ سرگرم نه ٿين پر اڳواٽ ئي پاڻيءَ جي موجود وسيلن جو جائزو وٺن، مال لاءِ چاري جا انتظام ڪن ۽ ڏڪار جي خطري وارن علائقن جي نشاندهي ڪن. موسمياتي اڳڪٿين جو اصل فائدو تڏهن آهي، جڏهن اهي ماڻهن جي تحفظ ۽ بهتر منصوبابنديءَ لاءِ استعمال ٿين. جيڪڏهن ايندڙ مهينن ۾ برسات جي کوٽ جا امڪان وڌن ٿا ته ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، اڇڙو ٿر ۽ ٻين متاثر ٿيندڙ علائقن ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ جي فراهمي، جانورن جو علاج، چاري جي دستيابي ۽ ضرورتمند خاندانن جي مدد لاءِ اڳواٽ منصوبو تيار هجڻ گهرجي. ڳوٺن ۾ پاڻيءَ جا ذخيرا محفوظ ڪرڻ، موجود کوهن ۽ ٻين ذريعن جي حالت بهتر رکڻ ۽ ماڻهن تائين بروقت موسمياتي ڄاڻ پهچائڻ به اهم قدم آهن. ساڳئي وقت آبادگارن کي فصلن ۽ پاڻيءَ جي استعمال بابت مقامي موسمياتي صلاحون ڏنيون وڃن.

نتيجو: خوف نه پر اڳواٽ تياري ضروري آهي. ايل نينو جي وڌندڙ طاقت اسان کي اهو سوچڻ جو موقعو ڏئي ٿي ته ڇا اسان امڪاني موسمياتي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار آهيون؟ سنڌ ۽ ٿر لاءِ هن وقت سڀ کان اهم ڳالهه ڪنهن اڳڪٿيءَ تي خوف پکيڙڻ نه پر سائنسي ڄاڻ جي بنياد تي اڳواٽ قدم کڻڻ آهي. ايل نينو مضبوط ٿيڻ باوجود ايندڙ مُون سُون جي ناڪاميءَ جو پڪو اعلان نٿو ڪري سگهجي. پر جيڪڏهن برساتون گهٽ پون ٿيون، گرمي وڌي ٿي ۽ پاڻيءَ جي کوٽ پيدا ٿئي ٿي ته ان جا اثر ٿر جي زندگيءَ تي گهرا ٿي سگهن ٿا. ٿر ۾ ڏڪار کي روڪڻ لاءِ مينهن وسڻ کان پوءِ جاڳڻ نه پر مينهن وسڻ کان اڳ تياري ڪرڻ ضروري آهي. ڇو ته ٿر لاءِ پاڻي رڳو قدرتي وسيلو ناهي پر زندگيءَ جي ضمانت آهي ۽ وقت سر کنيل قدم ئي ان زندگيءَ کي محفوظ بڻائي سگهن ٿا.

پوليو جي ٻن ڦڙن سان روشن مستقبل

محمد خان ابڙو

تاريخ جا ڪي واقعا ڏسڻ ۾ ته تمام معمولي هوندا آهن پر وقت گذرڻ سان اهي قومن جي گڏيل زندگيءَ ۾ غيرمعمولي اهميت اختيار ڪري ويندا آهن. 1994ع ۾ جڏهن پاڪستان جي پهرين چونڊيل عورت وزيراعظم شهيد محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي ننڍڙي نياڻي آصفه ڀٽو زرداريءَ کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياريا هئا، تڏهن شايد ڪنهن تصور به نه ڪيو هوندو ته اهو منظر ايندڙ نسلن لاءِ تاريخي سڃاڻپ بڻجي ويندو. هڪ ماءُ پنهنجي نياڻيءَ کي بيماريءَ کان بچائي رهي هئي، جڏهن ته هڪ وزيراعظم سڄي قوم کي صحتمند مستقبل ڏانهن ويندڙ واٽ ڏيکاري رهي هئي.

بينظير ڀٽو جي سياست جو هڪ اهم پاسو اهو هو ته هن عوام جي ڀلائيءَ کي رڳو مالي سهائتا تائين محدود نه رکيو، پر صحت، تعليم ۽ عورتن جي سماجي ڀاڱيداريءَ کي به رياست جي ذميواري سمجهيو. پاڪستان ۾ 1994ع دوران پوليو جي خاتمي لاءِ شروع ڪيل قومي مهم انهيءَ سوچ جو عملي مظهر هئي. ان وقت ملڪ ۾ پوليو سبب هزارين ٻار متاثر ٿي رهيا هئا ۽ بيمارين کان بچاءَ لاءِ ٽڪا لڳرائڻ بابت عوام ۾ سڄاڳي به محدود هئي. اڄ ٽن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ کان پوءِ اها ئي آصفه ڀٽو زرداري، جنهن کي ننڍپڻ ۾ پنهنجي ماءُ هٿان پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياريا ويا هئا، هن بيماريءَ جي خاتمي لاءِ هڪ نمايان آواز بڻجي چڪي آهي. اهو رڳو سياسي ورثو ناهي، پر هڪ انساني ذميواري آهي، جنهن کي هن پنهنجي عوامي زندگيءَ جو حصو بڻايو آهي.

آصفه ڀٽو زرداريءَ جي شخصيت جو هڪ اهم پاسو اهو آهي ته هن عوامي صحت جهڙي شعبي کي پنهنجي ترجيحن ۾ جاءِ ڏني آهي، جنهن تي عام طور تي ٻين معاملن جي ڀيٽ ۾ گهٽ ڌيان ڏنو ويندو آهي. عالمي ادارن سان سندس لاڳاپا، پوليو جي خاتمي لاءِ سڄاڳي پيدا ڪرڻ جون ڪوششون ۽ ماءُ پيءُ کي لڳاتار اپيلون ان ڳالهه جي عڪاسي ڪن ٿيون ته هوءَ هن مسئلي کي رڳو سرڪاري مهم نه پر ٻارن جو بنيادي حق سمجهي ٿي.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سياسي سفر ۾ عوامي صحت جو تصور هميشه اهم رهيو آهي. بينظير ڀٽو جي دور ۾ عورتن جي صحت، ڪارڪنن وارو پروگرام شروع ڪيو ويو، جنهن عورتن کي بنيادي طبي سهولتون پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو ڏنو. هن پروگرام سان سماج جي انهن طبقن تائين پهچڻ جي واٽ هموار ٿي، جيڪي روايتي طبي نظام کان پري هئا. ڀهراڙين جي عورتن جو اعتماد حاصل ڪرڻ ۽ گهرن جي دروازن تائين صحت بابت ڄاڻ پهچائڻ ڪنهن به بچاءَ واري مهم جي ڪاميابيءَ لاءِ ضروري آهي. تنهن هوندي به، پوليو خلاف جنگ ۾ اصل ڪسوٽي سياسي بيان نه پر عملي نتيجا آهن. پاڪستان هن بيماريءَ تي ضابطو آڻڻ لاءِ نمايان اڳڀرائي ضرور ڪئي آهي، پر ان جو مڪمل خاتمو اڃا تائين هڪ قومي چئلينج آهي. غربت، لڏپلاڻ، بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ کان انڪار، ڪجهه علائقن ۾ امن امان جي خراب صورتحال ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ هن جدوجهد کي ڏکيو بڻائين ٿا.

هن معاملي ۾ سنڌ جي صورتحال خاص ڌيان جي گهرجائو آهي. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي صوبي ۾ ڊگهي عرصي کان حڪومت ڪرڻ جو تجربو حاصل آهي. تنهنڪري پوليو جي خاتمي بابت ان جي انتظامي ذميواري به وڌيڪ آهي. ڪراچيءَ جي گهڻي آباديءَ وارن علائقن کان وٺي ڪشمور، ٿرپارڪر ۽ سنڌ جي ڏورانهن ڳوٺن تائين هر ٻار کي بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ کي يقيني بڻائڻ حڪومت جي پهرين ترجيح هئڻ گهرجي.

سيپٽمبر 2026ع ۾ پوليو جي خاتمي لاءِ هلندڙ مهم دوران سنڌ جي 30 ضلعن ۾ هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ٻارن کي بچاءَ جا ڦڙا پياريا ويا. اها انتظامي سطح تي هڪ اهم ڪوشش آهي، پر اصل ڪاميابي تڏهن حاصل ٿيندي، جڏهن ڪو به ٻار بچاءَ واري مهم کان رهجي نه وڃي ۽ پوليو جي وائرس جو مقامي پکڙجڻ مڪمل طور بند ٿي وڃي. هن جدوجهد ۾ سڀ کان وڌيڪ ساراهه جوڳيون حقدار اهي عورتون آهن، جيڪي پنهنجن گهرن مان نڪري ٻين جي ٻارن جو مستقبل محفوظ بڻائڻ لاءِ گهٽين، وسندين ۽ ڏورانهن علائقن ڏانهن وڃن ٿيون. سندن محنت، همت ۽ ڪن موقعن تي جانين جون قربانيون پاڪستان ۾ عوامي صحت جي تاريخ جو روشن باب آهن. رياست جو فرض آهي ته انهن ڪارڪنن کي تحفظ، مناسب پگهار ۽ سندن ڪم جي لائق عزت فراهم ڪري. آصفه ڀٽو زرداريءَ وٽ اڄ هڪ اهم موقعو موجود آهي.

هوءَ پنهنجي عوامي حيثيت کي ڪم آڻيندي پوليو جي خاتمي واري مهم کي سياسي اختلافن کان مٿانهون ڪري. ان مقصد لاءِ قومي اتفاق پيدا ڪرڻ ۾ وڌيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. نوجوانن، استادن، مذهبي اڳواڻن، مقامي نمائندن ۽ عورتن جي تنظيمن کي هن مقصد لاءِ گڏ ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. پيپلز پارٽيءَ لاءِ به اهو موقعو آهي ته اها بينظير ڀٽو جي ياد کي رڳو تقريرن ۽ تصويرن تائين محدود رکڻ بدران، سندس شروع ڪيل عوامي صحت واري مشن کي ماپي سگهجندڙ نتيجن تائين پهچائي. هر ضلعي ۾ ويڪسين کان رهجي ويل ٻارن جي سڃاڻپ، لڳاتار نگراني، بنيادي صحت مرڪزن جي سڌاري ۽ عوام جو اعتماد بحال ڪرڻ ان ڏس ۾ اهم قدم ٿي سگهن ٿا.

پوليو جي خاتمي جو سمورو سهرو ڪنهن هڪ جماعت يا شخصيت جي مٿي تي نٿو رکي سگهجي. اها وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن، عالمي ادارن، طبي ماهرن، ماءُ پيءُ ۽ هزارين اڻٿڪ ڪارڪنن جي گڏيل جدوجهد آهي. تنهن هوندي به، سياسي قيادت جو ڪردار ان ڪري اهم آهي، جو اها هن قومي مقصد لاءِ وسيلا، لڳاتار سهڪار ۽ عوام جو اعتماد حاصل ڪري سگهي ٿي. بينظير ڀٽو پنهنجي نياڻيءَ کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياريندي جنهن سفر جي شروعات ڪئي هئي، اڄ آصفه ڀٽو زرداري ان تاريخي تسلسل جي هڪ نمايان نمائندي آهي. ماءُ هڪ قومي مهم جو بنياد وجهڻ ۾ اڳواڻي ڪئي هئي، جڏهن ته ڌيءُ وٽ ان مقصد کي اڳتي وڌائڻ جو موقعو آهي.

قوم جي حقيقي ترقيءَ جو اندازو رڳو اوچين عمارتن، شاهراهن ۽ معاشي انگن اکرن مان نٿو لڳائي سگهجي، پر ان ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته اها پنهنجي ٻارن کي ڪيتري محفوظ زندگي فراهم ڪري ٿي. جنهن ڏينهن پاڪستان جو آخري ٻار به پوليو جي خطري کان محفوظ ٿي ويندو، اهو ڏينهن رڳو عوامي صحت جي ڪاميابي نه هوندو پر بينظير ڀٽو جي خواب، آصفه ڀٽو زرداريءَ جي جدوجهد ۽ لکين پاڪستانين جي گڏيل محنت جي تاريخي سوڀ پڻ هوندو.

ڌيئرن کي صرف فرمانبردار نه پر بهادر بڻايو!

شازيه انڙ

اسان هڪ اهڙي معاشري ۾ رهون ٿا، جتي ڌيئرن کي عزت، حيا ۽ برداشت جو سبق ته ڏنو وڃي ٿو پر اڪثر کين پنهنجي ڳالهه ڪرڻ، پنهنجي غلطي تسليم ڪرڻ ۽ ڏکئي وقت ۾ والدين کان مدد گهرڻ جو حوصلو نٿو ڏنو وڃي. اڄ وقت جي اهم ضرورت اها آهي ته اسان پنهنجي ڌيئرن کي صرف سٺو انسان نه پر بااعتماد، خودمختيار ۽ بهادر پڻ بڻايون.

هيءَ دور پکين جي معصوم دنيا وارو نه پر اهڙي معاشري جو آهي، جتي ڪڏهن ڌوڪو ڪڏهن هراسان ڪرڻ ۽ ڪڏهن غلط ماڻهن تي اعتماد ڪرڻ ڪنهن جي زندگيءَ کي ڏکيو بڻائي ڇڏي ٿو. اهڙين حالتن ۾ والدين جي ذميواري صرف ڌيئرن جي حفاظت ڪرڻ نه پر کين ان قابل بڻائڻ پڻ آهي ته جيئن هو ڏکين حالتن کي بهادريءَ سان منهن ڏئي سگهن. والدين ۽ ڌيئرن وچ ۾ اعتماد جو رشتو سڀ کان وڏي طاقت آهي. ڌيءَ کي اهڙو ماحول ملڻ گهرجي، جتي هوءَ يونيورسٽيءَ ۾ ٿيل ڪنهن غلطيءَ، پئسن جي ڏيتي ليتيءَ ۾ ٿيل نقصان، ڪنهن رشتي جي ناڪامي يا ڪنهن شخص تي ڀروسو ڪرڻ سبب پيدا ٿيل پريشانيءَ بابت بنا ڪنهن خوف جي ڳالهائي سگهي. بدقسمتيءَ سان ڪڏهن ڪڏهن اولاد پنهنجي تڪليف ان ڪري لڪائي ڇڏيندو آهي ته متان والدين پريشان ٿي وڃن، سندن طبيعت خراب ٿي پوي يا هو کين ڏوهاري سمجهي ڪانئن منهن موڙي ڇڏين. اهو خوف اولاد ۽ والدين وچ ۾ خاموشيءَ جي اهڙي ڀت اڏي ٿو جنهن جي پويان ڪيترين ئي پريشانيون جنم وٺن ٿيون. ياد رکو غلطي انسان کان ئي ٿيندي آهي. جيڪڏهن ڌيءَ کان ڪا غلطي ٿي وڃي ته کيس سيني جي سامهون شرمسار ڪرڻ بدران سندس حوصلو وڌايو ۽ اڪيلائيءَ ۾ کيس سمجهايو. سندس غلطيءَ کي درست قرار ڏيڻ ضروري ناهي پر سندس ڳالهه ٻڌڻ، حقيقت معلوم ڪرڻ ۽ کيس صحيح رستو ڏيکارڻ والدين جي ذميواري آهي. اولاد جي غلطيءَ وقت سندس ساٿ ڏيڻ جو مطلب غلطيءَ جي حمايت ڪرڻ نه پر کيس ان غلطيءَ مان نڪرڻ جو رستو ڏيکارڻ آهي.

اسان کي پنهنجي ڌيئرن لاءِ اهڙو محفوظ ماحول ناهڻو پوندو، جتي کين اهو خوف نه هجي ته پنهنجي پريشاني بيان ڪرڻ سان سندن والدين ذهني طور ٽٽي پوندا. والدين کي به گهرجي ته هو پنهنجي بيوسي، غربت ۽ ڪمزورين جو احساس اولاد تي اهڙي نموني نه مڙهين جو ٻار پنهنجيون پريشانيون لڪائڻ تي مجبور ٿين. مضبوطي صرف دولت يا عهدي جو نالو ناهي، بلڪه اصل مضبوطي حوصلي، شعور، اعتماد ۽ ڏکئي وقت ۾ هڪ ٻئي جو سهارو بڻجڻ ۾ آهي. پيءُ جي شفقت ۽ ماءُ جي سمجهه ڌيءَ کي اهو اعتماد ڏئي سگهي ٿي، جيڪو کيس زندگيءَ جي ڏکين فيصلن ۾ پاڻ سنڀالڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. اسان کي پنهنجين ڌيئرن کي صرف اهو نه سيکارڻ گهرجي ته دنيا جي خطرن کان ڪيئن بچڻو آهي پر اهو پڻ سيکارڻ گهرجي ته ناانصافيءَ خلاف آواز ڪيئن اٿارڻو آهي؟ پنهنجي ذاتي حدن جي حفاظت ڪيئن ڪرڻي آهي ۽ ضرورت پوڻ تي مدد ڪيئن حاصل ڪرڻي آهي؟ والدين کي پنهنجي ڌيئرن لاءِ صرف محافظ نه پر اهڙو دوست ۽ ڀروسي جوڳو ساٿي بڻجڻ گهرجي، جنهن جي سامهون هو پنهنجيون خوشيون، ڏک، خوف ۽ غلطيون بنا ڪنهن هٻڪ جي بيان ڪري سگهن.

آخر ۾ هر والدين کي پنهنجي ڌيءَ کي اهي لفظ چوڻ گهرجن: 'ڌيءَ! زندگيءَ ۾ توکان غلطي ٿي سگهي ٿي، تون ڏکين حالتن ۾ به ڦاسي سگهين ٿي پر توکي پنهنجي پريشاني لڪائڻ جي ضرورت ناهي. اسان تنهنجي ڳالهه ٻڌنداسين، توکي سمجهائينداسين ۽ صحيح رستو اختيار ڪرڻ ۾ تنهنجو ساٿ ڏينداسين.' چو ته جنهن ڌيءَ کي پنهنجي والدين تي اعتماد هوندو آهي، اها ڏکين حالتن ۾ به پاڻ کي اڪيلو محسوس ناهي ڪندي.

پنهنجي ڌيئرن کي صرف محفوظ رکڻ جي ڪوشش نه ڪريو پر کين ايترو مضبوط بڻايو جو هو پنهنجي حفاظت ڪري سگهن ۽ کين ايترو اعتماد ڏيو جو ڏکئي وقت ۾ سڀ کان پهرين پنهنجي والدين وٽ اچن. اهو ئي مضبوط خاندان، باشعور معاشري ۽ محفوظ مستقبل جو بنياد آهي.

وڄُ سڄڻ وڄُ


مير اعظم علي ٽالپر

هيءَ ڳالهه گهڻي پراڻي آهي ۽ اُن زماني ۾ اسان جو اچڻ ۽ وڃڻ ٽنڊو جام کان حيدرآباد (خاص ڪري) ۽ ميرپورخاص ريل رستي ٿيندو هو ۽ جڏهن گاڏيءَ مان لهي حيدرآباد شهر طرف اسٽيشن کان وڃبو هو ته پهرين حبيب هوٽل جي پرڀرو لوهه جي شيخن کي هٿن سان جهلي وٺي، سٽي ۽ ويڙهڻ جا ڪرتب همراهه ڏيکاريندو هو ۽ اُن کي ڏسڻ وارن جي رش لڳي پئي هوندي هئي. اُن کان اڳتي (اُن وقت ٽوپ چورنگي نه هئي) شمس سئنيما اڳيان ڪَنَ صاف ڪرڻ وارا پٽ تي ويٺا هوندا هئا ته فال ناموَ ڪڍڻ وارا به طوطن (پکين) سميت زندگيءَ جي اندر جو حال ٻڌائڻ وارا هوندا هئا. اُن کان ٿورو اڳتي هلڻ تي ساڄن حجم جو دڪان ايندو هو. جيڪو ماڻهن سان پرڀرو هوندو هو. دڪان جي مٿان 'سيلون' لکيل هوندو هو جڏهن ته اسان جي شهر ۾ وارن کي ڪٽڻ (ڪترڻ) ۽ ناهڻ وارن ڪاريگرن کي 'حجم' ئي سڏيو ويندو هو. اُن ڪري سيلون نالو ڪجهه عجيب لڳندو هو. حالانڪ سيلون ته اصل ۾ هڪ ريڊيو اسٽيشن جو نالو هو جتان پراڻا گانا وڄندا هئا. اُن ڪانسواءِ ٻيو سيلون ريل گاڏي ۾ سفر ڪرڻ وقت ڪڏهن ڪڏهن ٻڌبو هو ته ريلوي جو وڏو بالا عملدار دوري تي پيو وڃي ۽ سيلون ۾ ويٺو آهي مطلب ته ريلوي جي آفيسر واري گاڏي کي به سيلون چيو ويندو هو. اُئين تلڪ چاڙهي تي مٿي ويندي ساڄي هٿ تي هڪ دڪان مٿان وري حيرت انگيز اکر لکيل نظر ايندا هئا 'آرائش گيسو' اهو بورڊ ايندي ويندي ڏسبو هو پر اصل ۾ آرائش گيسو جي خبر نه هئي. نيٺ 29 آگسٽ 1969ع تي وينس سئنيما ۾ وحيد مراد ۽ شبنم جي فلم 'عندليب' ڏٺي ته اُن ۾ ائين گانن ۾ هڪڙو گانو احمد رشدي جو ڳايل گانو هو. اهو وحيد مراد ۽ شبنم تي باغ ۾ وڻن ۾ فلمبند ڪيل ڏٺو ۽ اُن جا ٻول هئا 'گيسون ڪي آنچل مين رنگ هي ڪيا سنهرا' ٻڌا ته پوءِ معلوم ٿيو ته گيسو معنيٰ وار. اُن بعد تلڪ چاڙهي وارو آرائش گيسو سمجهه ۾ آيو ته هن دڪان ۾ زنانا ماڻين جا وار ناهيا ويندا آهن. اسان جي شهر ۾ حجم ڪانئي به چوندا هئا. جيڪو پوءِ سيلون ۽ آرائش گيسو بڻجي ويو.

حجم، سيلون، آرائش گيسو جي چڪر مان ٻاهر نڪري واضح ڪجي ته اسان جي شهر ۾ ڀهراڙي واري شادي ۾ به پراڻي وقت ۾ وڏو فرق هوندو هو. شهري شادي ۾ گهوٽ جي گهر مٿان ڇت تي گراما فون جا رڪارڊ فل آواز سان ڪن ڦاڙ آواز ۾ وڄندا رهندا هئا ۽ دروازي مٿان 'شادي مبارڪ' جو بورڊ لڳل هوندو هو ۽ رات جو ننڍيون ننڍيون بتيون مختلف رنگن واريون ٻرنديون هيون ۽ اها ڌما چوڪڙي هفتو کن هلندي هئي ۽ آخر ۾ 'بارات آمد ۽ بارات روانگي' ٻڌبو هو ته اُن ڏينهن تقريبن 15 يا 20 همراهه سفيد (اڇي) ڊريس پاتل ٽوپلن سميت هٿن ۾ مختلف توتارا ڪٽي وڄائيندا هئا ۽ گهوٽ جي سرڪس وقت اُن کي بينڊ ۽ باجا سڏيندا هئا. راقم جي هڪ بيروزگار عزيز کي انهيءَ لشڪر نما بينڊ باجي ۾ شامل ٿيڻ جو شوق ٿيو ۽ اُن لاءِ حيدرآباد جي شاهي بازار (شيطان جي آنڊي نما جهڙي) ۾ پڪي قلعي کان داخل ٿي پرڀرو ۾ ئي هڪ هئي اجميري بينڊ ساز ڪمپني ۽ ٻي هئي آزاد بينڊ ساز ڪمپني ۾ اُن عزيز کي وٺي وڃڻ ٿيو. ٻنهي ڪمپنين وارا هڪ سنڌي جي اچڻ تي خوش ٿيا ۽ راقم جي عزيز به هٿن ۾ گڏائي پتل واريون ٿالهيون وڄائڻ جو چيو ۽ اهو به شرط رکيو ته هو پنهنجي شهر ٽنڊو جام ۾ ٿيم سان نه هلندو. پر پوءِ پگهار تي نه ٺهڻ سبب ڪم نه ٿيو. جڏهن ته ڀهراڙي جي شادي جو وري الڳو حساب آهي. گهوٽ جي در ٻاهران شام (گهڙو ڪري) جو دهل

شرنائيون وڄايون ويندڙيون آهن ۽ رات جي سمهڻ جو ماني کائي ڳوٺ جون عورتون گهوٽ جي گهر ۾ جهمر هڻنديون آهن. بهرحال گذريل وقت ته واپس موٽي اچي نه ٿو سگهي پر گذري ويل وقت جون يادگيريون دل ۽ دماغ ۾ هميشه زنده رهنديون گردش ڪنديون رهن ٿيون ۽ ماضيءَ جو ڪو درد ڀريو گانو وڏي آواز سان ٻڌڻ لاءِ واليم کي وڌائبو آهي ته اندران آواز هڪدم ايندو آهي ته 'اڄ وري ڪنهن جي يادگيري آئي اٿئي؟' جيڪڏهن وري ڪو نئون گانو ٻڌبو آهي ته الٽو سوال ٿيندو آهي ته 'اچو مٿو ٿي ويو اٿئي پر اچا انهن گانن کي ڇڏين نٿو' هاڻ دل چاهيندي آهي ته هن عمر جي حد ۾ پهچڻ بعد ڪنهن به لکڻي ۾ پنهنجو پاڻ کي شامل نه ڪجي ۽ ڪو به ذڪر نه هجي پر وڏي ڪوشش باوجود پنهنجو ڪردار لکڻي ۾ شامل ٿي وڃي ٿو اُن کي ڇا ڪجي؟ بهرحال برصغير جي هن مشهور اداڪارن راجڪپور وڏي محنت سان فلم 'ميرا نام جوڪر' ناهي پر فلاپ ٿيڻ بعد هن پوءِ ڪنهن به فلم ۾ پاڻ کي شامل نه ڪيو. ائين رنگيلا شوق سان فلم 'ڪبڙا عاشق' ناهي ۽ ناڪام ٿيڻ ڪانپوءِ هن پاڻ کي فلم جي ڪردار کان ڌار ڪري ڇڏيو هو. اڄڪلهه زمانو جديد آهي ۽ هر ڪم سمارٽ فونن ذريعي ٿئي ٿو. هن آڄر تي پنهنجن پراڻن سائين سائين پير مظهر الحق ۽ بشير احمد ڀٽي سان واهه جي ڪچهري ٿي.

اڄڪلهه ملڪ ۾ هر ڪو نئين ڳالهه ڏسي ۽ ٻڌي ٿو پر راقم لاءِ هر پراڻي ڳالهه اڄ به نئين ڳالهه لڳي ٿي. 1970ع کي گذري 59 سال ٿي ويا آهن. هن وقت به راقم اڳيان پراڻين اخبارن ۾ لکيل ڍاڪا، کلنا، چٽاگانگ، راج شاهي، ميمن سنگهه شهرن ۾ ٿيندڙ خبرون نيون لڳن ٿيون. اُن ڪانپوءِ هڪ سال 1971ع واريون اخباري خبرون ته جمعو جمعو اٺ ڏينهن لڳن ٿيون. جڏهن ته 1972ع دوران اُن وقت جي صوبي سرحد هاڻوڪي ڪي پي ڪي ۾ مفتي محمود بطور وزيراعليٰ احتجاج طور عهدو ڇڏيو ته وفاق پاران صوبي ۾ گورنر راڄ هنيو ويو هو. اڄڪلهه هر طرف گورنر راڄ جا بينڊ باجا وڄن پيا. اها ڪا نئين يا اڻ ٿيڻي ڳالهه نه آهي. ملڪ ۾ صدارتي راڄ، گورنر راڄ، ايمرجنسي نافذ ٿيڻ اِهي سڀ پراڻيون پر لڳن خبرون نيون ٿيون. راقم کي اُن تي ڪا به حيرت نه ٿي آهي جو ته ملڪ ۾ ڪُل 16 دفعا گورنر راڄ لڳي چُڪو آهي. جيڪو اڪثريت ۾ گهڻو پيپلز پارٽي جي اقتدار وقت لڳو آهي. البته نواز شريف حڪيم دانشور اڳوڻي گورنر حڪيم سعيد جي قتل بعد وزيراعليٰ لياقت جتوئي کي هٽائي سنڌ اسيمبلي کي تالا هڻائي گورنر راڄ لڳايو هو. سنڌ ۾ گورنر راڄ جي هٽ ٽرڪ مڪمل ٿيل آهي. هن وقت جنهن ڳالهه تي دهل پيو وڃي ته گورنر راڄ لڳو آهي ته اُن ۾ حيراني ڇا جي آهي. البته حيراني اُن ڳالهه جي آهي ته گورنر صوبي جو ڪاروهنوار هلائڻ لاءِ صوبائي وزير مقرر ڪرڻ ۽ صوبائي ڪابينا ناهڻ بدران هڪ ڪائونسل ناهي آهي ۽ هاڻ مختلف کاتن جا وزير جيڪي عهدو رکڻ بدران ڪائونسلر لکيا، پڙهيا ۽ سڏيا ويندا. اِها عجيب ۽ حيراني واري ڳالهه آهي. حالانڪ ضياءُ الحق مجلس شوريٰ ناهي ته اُن ۾ وفاق ۽ صوبن ۾ وري وزير مقرر ڪيا ۽ اُن ڪانپوءِ مشرف دور ۾ به وزيرن جو عهدو وزير هو پر هن وقت ڪي پي ڪي جو وزير نه پر ڪائونسلر ئي وزير هوندو. گورنر ڪي پي ڪي پيپلز پارٽيءَ جو ماڻهو آهي ۽ سياستدان به وڏو آهي پر خبر ناهي ڇو هن 'وزير' جو عهدو ختم ڪري ڪائونسلر بڻائي ڇڏيو آهي. بهرحال اڄ لکڻ جي شروعات يادگيرين، بينڊ باجن ۽ دهل شرنائين سان ٿي هئي سو اِهو ئي چوڻ مناسب آهي ته 'وڄ سڄڻ وڄ'.

اڄوڪو ڏينهن ---- 14 آڪٽوبر

شفيع محمد اوج علوي

سبب پري نہ ٿو سگهان جنهن ڪري پٽ سخت تڪليفن مان گذري رهيو آهي هن پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت، سنڌ حڪومت، صحت کاتي ضلعي انتظاميہ چونڊيل نمائندن سميت وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي پٽ جو علاج ۽ ٽيسٽون ڪرائي سنڌس زندگي بچائي وڃي

بقايا 23 | روزاني عبرت
گهنته آهي جيڪا 1993 ۾ نواز شريف ڏني هئي جنهن جي رقم پڻ ادا ڪئي آهي ستون فارم رسيدون وغيره پڻ موجود آهن پورهيت عزيزالله سولنگي ٻڌايو ته منهنجو سگهو پياءُ محروم غلام الله سولنگي لالچ م راچي ڌارين سان ملي زمين تي زبردستي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا ٽن سالن کان زمين غيرآباد لڳي پئي آهي اسان عدالت جو در به کڙڪايو آهي باٿر جوابدار هٿيار بند ماڻهون وٺي اسان تي تشدد ڪرايو لٺيون لڳڻ سبب منهنجي پٽ منظور جو هٿ ڀڃي ڇڏيو آهي باٿرن پاران اسان جي ڪمند سان پريل ٽرالي کي شگرمل ويندي ڪرڙائي ٿاڻي تي بند ڪرايو جنهن بعد SHOڪرڙائي اسان کي ڇڏيو هن چيو ته باٿر وڏيرا پاڻن جي چرچ تي ڪوڙن ڪيسن م ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جن مان اسانکي جاني توڙي مالي خدشو آهي هنن سنڌ هاءِ ڪورٽ، آءِ جي سنڌ پوليس، ڊي آءِ جي ايس ايس پي نوشهروفيروز ڊي ايس پي فائزه سوڍر کان مطالبو ڪيو آهي ته باٿرن خلاف قدم کڻي اسانکي تحفظ فراهم ڪيو وڃي!!!...

بقايا 24 | روزاني عبرت
چوڪيدار ۽ ٻئي عملي فوري طور تي جوابدار بلاول پٽ خير محمد لاشاري کي پڪڙي ورتو ۽ واقعي جي اطلاع تي پوليس ۽ ژليخان فائونڊيشن جي چيئرمين رضيا سهتو ،سفت ٽيم ۽ علائقي واسين پاران نياڻي کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو ان موقعي تي پهچي بي سيڪشن پوليس اهلڪارن معصوم نياڻي کي ميڊيڪل معائني لاءِ سول اسپتال آندو ويو جتي ژوليخان مددگار فائونڊيشن جي چيئرپرسن رضيا سهتو پڻ موجود هئي متاثره معصوم نياڻي جو ميڊيڪل ٽيسٽ ٿيو ڊاڪٽرياڻين پاران زيادتي ڪرڻ جي ڪوشش ٻڌائي پئي وڃي طرف معصوم نياڻي ومين پوليس تحويل ۾ موجود آهي، پوليس جو چوڻ هو ته جوابدار گرفتار آهي نياڻي سان انصاف ٿيندو جيئن نياڻي جا وارث ڪراچي کان پهچن ان بعد ڪيس داخل ڪيو ويندو معلوم ٿيو آهي ته معصوم نياڻي سان زيادتي ڪندڙ جوابدار سندن ويجهو مائٽ ٻڌايو وڃي پيو اصل بدين جا رهواسي آهن

بقايا 25 | روزاني عبرت
پهچي نينگر جو لاش ڪڍي ورتو لاش گهر پهچڻ تي روچ راڙو پئجي ويو آهي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي شهر جي عمراڻي پل وٽان گذرندڙ رائيس ڪئنال ۾ وهنجڻ دوران ممتاز ڪالوني واسي 3 نينگر ٻڏي ويا، نينگرن جي رڙين تي علائقي واسين پهچي ٻن نينگرن کي رائيس ڪئنال مان ڪڍي ڪين بچائي ورتو جڏهن ته هڪ نينگر جو ڏس پتو نہ پوڻ تي علائقي واسين ريسڪيو1122 جي ٽيم کي اهڙو اطلاع ڏنو جنهن تي ريسڪيو1122 جي ٽيم پهچي ريسڪيو آپريشن ڪري ٻڏي فوت ٿي ويل ممتاز ڪالوني واسي 9 ورهين جي نينگر حسنين احمد وگڻ جو لاش ڪڍي وارثن حوالي ڪري ڇڏيو آهي ان حوالي سان ٻڏي فوت ٿي ويل نينگر جي وارثن ٻڌايو ته اسان جو نينگر پاڙي جي ٻارن سان گڏجي رائيس ڪئنال ۾ وهنجڻ لاءِ ويو جتي هو ٻڏي فوت ٿي ويو جڏهن ته ٻن ٻارن کي علائقي واسين بچائي ورتو آهي ٻئي طرف ضروري ڪارروائي بعد ٻڏي فوت ٿي ويل نينگر جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جتي لاش گهر پهچڻ تي روچ راڙو پئجي ويو.

بقايا 26 | روزاني عبرت
سيڪريٽري ڪامريڊ پنهل ساريو سردار اڪبر مري، جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي مرڪزي صدر عبدالحنان عباسي ۽ ٻين اڳواڻن ٻاٻهہ ميڊيا هائوس تي صحافين سان ڳالهائيندي ڪيوهنن چيو ته سنڌ اسان جو تاريخي وطن آهي. جنهن جي وحدت، خودمختياري، وسيلن ۽ قومي سڃاڻپ تي ڪنهن بہ قسم جي سوديبازي قبول نہ ڪئي ويندي هنن الزام لڳايو تہ پنجاب طرفان سدائين سنڌ جي مفادن خلاف سازشون ڪيون ويون آهن ۽ سنڌ جي وحدت کي نقصان پهچائڻ جون ڪوششون جاري آهن اڳواڻن چيو تہ سنڌ قدرتي وسيلن سان مالامال سرزمين آهي جتان تيل، گئس، ڪوئلو ليٿيم يورينيم ۽ ٻيا معدني وسيلا حاصل ٿين ٿا، پر سنڌ جي وسيلن تي سنڌ جي ماڻهن جي حق کي اوليت ڏيڻ بدران انهن تي ٻين جي بالادستي قائم ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن. اڳواڻن اعلان ڪيو تہ 15 آڪٽوبر تي سنڌ رهبر ڪاميٽي جي پليٽ فارم تان لاڙڪاڻي ۾ "وحدت سنڌ مارچ" ڪڍيو پيو وڃي، جنهن جو مقصد سنڌ جي وحدت، سنڌو درياهہ جي پاڻيءَ، قدرتي وسيلن ۽ قومي حقن جي تحفظ لاءِ عوامي آواز کي وڌيڪ سگهارو بڻائڻ آهي هنن لاڙڪاڻي ٻاٻهہ ۽ ڀرپاسي جي سمورن شهرن ڳوٺن جي رهواسين قومپرست ڪارڪنن سميت سنڌ سان محبت ڪندڙ عوام کي اپيل ڪئي تہ وحدت سنڌ مارچ ۾ وڏ کان وڏ شرڪت ڪري قومي ٻڌيءَ جو ثبوت ڏين ۽ سنڌ جي وحدت، پاڻيءَ توڙي وسيلن جي تحفظ لاءِ جاري جدوجهد ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن ان موقعي تي علي انور عسڪري، عزيز بروهي، عبدالستار منگي، لياقت ڪلهوڙو، دودو ديشي، محمد علي خشڪ، اصغر نوناري، عالم بروهي، نور ساريو نور محمد بليدي، ذوالفقار نوناري ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا 27 | روزاني عبرت
سبب دڪاندارن ۽ واپارين ۾ ڳڻتيءَ جي لهر پکڙجي وئي آهي شهرين جو چوڻ آهي تہ شهر جي اهم ۽ مصروف روڊ تي قائم دڪان بہ محفوظ نہ آهن تہ پوءِ عام شهري ۽ واپاري پاڻ کي ڪيئن محفوظ سمجهن؟ رات جي وقت چوريءَ جي اهڙي واردات شهر ۾ امن امان جي صورتحال بابت ڪيترائي سوال اٿاري ڇڏيا آهن واپارين مطالبو ڪيو آهي تہ سورو شهر ۾ رات جي وقت پوليس گشت وڌايو وڃي، اهم بازارن ۽ ڪاروباري مرڪزن جي سيڪيورٽي سخت ڪئي وڃي ۽ چوريءَ جي وارداتن ۾ ملوث جوابدارن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪئي وڃي شهرين ۽ واپارين ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ سورو پوليس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ اعجاز اليڪٽرونڪس جي دڪان مان چوري ٿيل سامان جي واپسي ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ فوري قدم کنيا وڃن

بقايا 28 | روزاني عبرت
ٿيڻ سبب سنڌس 12 سالن جي نياڻي راحمين گولي لڳڻ جي ڪري سخت زخمي ٿي پئي جنهن کي وارث ڳڻتي جوڳي حالت ۾ تعلقا اسپتال کي اين شاهہ کڻائي ويا جتي نينگري زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي وئي فوتي نينگري جي ضروري ڪارروائي ٿيڻ ڪانپوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش ڳوٺ پهچڻ تي گهر ۾ کهرام مچي ويو هوڏانهن فوتي نينگري جي چاچي ياسين مشوري جو چوڻ هيو تہ سندس پاڻيٽيي گهر اندر بيگ ۾ پيل پستل ٻاهر ڪيڻ دوران اوچتو فائر ٿيڻ ڪري گولي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پئي ۽ فوت ٿي وئي آهي واقعو اتفاقي سان پيش آيو آهي

بقايا 29 | روزاني عبرت
ٿي پئي جنهن کي نيوسعيدآباد تعلقا اسپتال نيوسعيدآباد آندو ويو جتي کيس طبي امداد ڏئي وڌيڪ علاج لاءِ لمس اسپتال حيدرآباد موڪليو ويوحادثي کانپوءِ زخمي عورت کي طبي امداد لاءِ تعلقا اسپتال نيوسعيد آباد منتقل ڪيو ويوپوليس ٽريلر ڊرائيور کي گرفتار ڪري حادثي ۾ ملوث ٽريلر پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي واقعي بابت وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي

بقايا 30 | روزاني عبرت
ڏي کي نامعلوم هنڌ تي رکيو ويو آهي جڏهن ته هالاڻي پوليس گذريل ڪن مهينن کان رڳو آسرا ڏئي رهي آهي پر اڃا تائين سنڌس ڌي کي بازياب نہ ڪرايو ويو آهي هن ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ، ايس ايس پي نوشهرو فيروز کان مطالبو ڪيو تہ سون کي پنهنجي نياڻي بازياب ڪرائي ڏني وڃي ٻئي پاسي گبول برادري جي الزام هيٺ آيل خالد گبول ۽ علي مردان پريس ڪلب پهچي ميڊيا آڏو ڌانهيندي چيو تہ ڪنول رند ڊرامو ڪري اسان تي ڪوڙا ڪيس پئي ٿي ڪرائي جڏهن تہ هن جو ڌيرا سان ڪو بہ تعلق رشتو ڪونهي، ڌيرا ۽ علي اڪبر جي ڌي ۽ لاشاري قوم جي آهي هنن چيو ڪنول رند صرف چوڪري جو رشتو ڪرايو هيو ۽ پنهنجي فيس بہ ورتي هئي هي منهنجي نوهہ کي پنهنجي ڏي ثابت ڪري ڪوڙو ڊرامو رچائي رهي آهي هن منهنجي پٽ ۽ نوهہ کي گهرائي گم ڪري ڇڏيو آهي ۽ هاڻي بہ لک روپيا گهري رهي آهي هن چيو تہ اسان غريب ماڻهو آهيون مونکي هڪ ئي پٽ جو اولاد آهي هن ڊي آئي جي شهيد بينظر آباد ايس ايس پي نوشهروفيروز ڊي ايس پي محراب پور کان معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي انصاف ڪرڻ جي گهر ڪئي ٻئي پاسي ايس ايچ او هالاڻي رحمت الله سولنگي ٻڌايو تہ پنج مهينا اڳ هن ئي عورت جي فرياد تي ٽن ماڻهن ماجد ولد حزب الله گبول ، خالد گبول ۽ حزب الله گبول معان ايف آءِ آر داخل ڪرائي هئي جن مان ٻن نامينيٽ ٿيل خالد گبول ۽ حزب الله گبول کي گرفتار ڪري جيل موڪلي ڇڏيو آهي ۽ جڏهن تہ ماجد گبول ضمانت تي آهي جڏهن تہ هن عورت پنهنجيءَ ڌيءَ ڌميرا کي گبولن ۾ چار لکن ۾ وڪرو ڪري نڪاح پاڻ وجهرايو آهي هن عورت بہ دفعہ پهريان ٻن ماڻهن کي هن چوڪريءَ جي شادي ڪرائي هئي انهن کي بہ بليڪ ميل ڪري طلاق ورتائي آهي ۽ هاڻي پوليس کي بنا جواز جي روز تنگ ۽ پريشان ڪري رهي آهي

بقايا 31 | روزاني عبرت
اڳ معين ساڳين ماڻهن 31 سينهون ڦر ڪري ويا هيا جنهن جي اهڙي ڌانهن حد جي لانڊيون ٿاڻي تي قائم پوليس کي ڏنيون آهن پر ٿاڻي جي پوليس هن دفعي بہ واقعي جي ڌانهن ڏئي سون پر پوليس ايف آءِ آرداخل ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو ۽ علائقي جي چڱن مڙس کي ڌانهن ڏئي سون جو ڪلهوڙا برادري جي امير علي ڪلهوڙو علائقي جي معززن کي چوندي الزام هڻندي چيو تہ جتوئين اسان جون مينهون ڦر ڪيون آهن جڏهن تہ ڪلهوڙن جي ڦريل مينهن سان اسان جو ڀري پري تائين ڪوبہ تعلق ناهي ڪلهوڙا برادري جا هٿيار بند اسان جي زمينن تي قبضو ڪرڻ ٿا چاهين ۽ معين جوابدارن مان جاني مالي خطرو آهي اسان ايس ايس پي خيرپور ڊي آءِ جي سکر ۽آءِ جي سنڌ کي بيان ذريعي اپيل ٿا ڪيون تہ واقعي جو نوٽيس وٺي قرآن پاڪ تي انڪواري ڪرائي ۽ ڦريل مال واپس ڪرائڻ سان گڏ جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي

بقايا 32 | روزاني عبرت
ويندڙ ٽريفڪ جام ٿي وئي جتي هنن سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي زخمي عورت جي وارثن مير محمد لهر ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڌانهيندي الزام لڳايو تہ غلام مصطفيٰ لهر ڌوهاري قسم جو ماڻهون آهي جيڪو شهر سميت علائقي ۾ چورين ڪرائيندو آهي جنهن پنهنجي هٿيارٻندن سان گڏجي اسان جي گهر تي حملو ڪري فائرنگ ڪئي جنهن ۾ گولي لڳڻ سبب لال زادي لهر سخت زخمي ٿي پئي آهي اهڙي واقعي جو اطلاع حد جي بقاپور ٿاڻي جي پوليس کي ڏنو ۾ پوليس باٿرن خلاف ڪارروائي لاءِ تيار ناهي جنهن ڪري باٿر اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جن مان اسان کي جاني ۽ مالي نقصان جو خدشو آهي هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو کي اپيل ڪئي تہ واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ٻئي طرف بقاپور ٿاڻي جي پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو تہ شروعاتي جاچ موجب واقعو زرعي زمين جي تڪرار تان پيش آيو آهي جنهن جي مختلف رخن کان جاچ ڪئي پئي وڃي جلد حقيقتون سامهون اچي وينديون. هوڏانهن پوليس جي خاطري تي وارثن ڌرڻو ختم ڪري زخمي عورت کي علاج لاءِ لاڙڪاڻو ٽراما سينٽر منتقل ڪري ڇڏيو جتي کيس طبي امداد ڏني وئي جنهن جي حالت پڻ خطري کان ٻاهر ٻڌائي پئي وڃي

بقايا 33 | روزاني عبرت
بلوچ، عامر عباسي،جميل جويو ثناءُ الله ميمڻ،اڪبر عباس زيدي ، اطهر صديقي جان محمد ناريجو،شبير رند،شاهنواز ڪلهوڙو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو تہ صحافي جي پٽ تي حملو ڪندڙ جوابدار کي فوري طور گرفتار ڪري قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي،احتجاج ڪندڙ صحافين خبردار ڪيو تہ جيڪڏهن جوابدار کي جلد گرفتار نہ ڪيو ويو تہ ان خلاف سخت احتجاج ڪيو ويندو هنن مطالبو ڪيو تہ واقعي جي شفاف جاچ ڪري متاثر ڌر کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 34 | روزاني عبرت
سميت 4 نامعلوم شڪارين خلاف وائلڊ لائيف کاتي جي عملدار حسين بخش ڪوسو جي فرياد ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، ذريعن موجب شڪارين وڌيڪ بہ باز پڪڙي ورتا آهن جن مان هڪ باز 26 لک روپين ۾ وڪرو ڪيو ويو آهي، ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب اينيار واري علائقي مان هڪ بحري جي شڪاري ٽولي ۽ گوٺ غلام قادر جوڻيجو وٽان پڻ شڪاري ٽولي بحري باز پڪڙي ورتو جيڪو پڻ 26 لک روپين ۾ وڪرو ڪيو ويو آهي، ان بعد اينيار ٻوڙيجي، ڏونگريون، بچاءُ بند سميت ٻقار وارن علائقي مان هن مهل تائين 14 مختلف قسمن جا باز پڪڙي غيرقانوني طريقي سان وڪرو ڪيا ويا آهن جنهن مان صرف 5 باز پڪين جا ڪيس داخل ٿي آهن جڏهن تہ رهيل 9 بازن جا ڪيس داخل نہ ٿي سگهيا آهن ان بابت ٻڌايو وڃي ٿو تہ ڏيتي ليتي عيوض شڪارين کي ڇوٽ ڏني وئي آهي جڏهن تہ بانليري ٻوڙيجي ٽنڊو مڻاخان واري پاسي پڻ ڄهلڻ لا ڪڏا لڳل آهن اچڻي ڦر ۾ هرڻ پڪين جو شڪار جا پڻ اطلاع آهن وائيلڊ لائيف کاتو ڪا بہ اثرائتي ڪارروائي ڪرڻ کان قاصر بڻيل آهي

بقايا 35 | روزاني عبرت
انسپيڪٽر طاهر شاگردن کي موٽرسائيڪل هلائڻ دوران احتياطي تدبيرن ۽ ٽريفڪ قانونن تي عمل ڪرڻ بابت آگاهي ڏني ان موقعي تي هن چيو تہ موٽرسائيڪل هلائڻ وقت هيلمٽ پائڻ رفتار مقرر حد اندر رکڻ ۽ ٽريفڪ قانونن تي عمل ڪرڻ انتهائي ضروري آهي جڏهن تہ تيز رفتاري، اوچتو بريڪ لڳائڻ ۽ بنا احتياط جي يوٽرن وٺڻ حادثن جو سبب بڻجي سگهن ٿا هن وڌيڪ چيو تہ موٽرسائيڪل تي عورتن کي ويهارڻ وقت خاص احتياط ڪرڻ گهرجي ۽ سندن رئي چادر يا ٻيا ڍرا ڪپڙا صحيح نموني سنڀالڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪپڙو موٽرسائيڪل جي چين يا ٽائر ۾ ڦاسڻ سبب خطرناڪ حادثو پيش اچي سگهي ٿو جنهن سان جاني نقصان جو بہ خدشو هوندو آهي هن شاگردن کي هدايت ڪئي تہ موٽرسائيڪل هلائڻ دوران اڪ مڪ يا سچر پوڻ جي صورت ۾ گهبرائڻ يا اوچتي حرڪت ڪرڻ بدران محفوظ هنڌ تي گاڏي روڪي وڃي انسپيڪٽر طاهر چيو تہ موٽرسائيڪل جو پويون بلب خراب هجڻ سان رات جي وقت حادثي جو خطرو وڌي وڃي ٿو تنهنڪري بلب، بريڪن ۽ چين جي باقاعدي چڪاس ڪرائڻ گهرجي هن وڌيڪ چيو تہ خطرناڪ ڪٽ هڻڻ اوچتا جهٽڪا ڏيڻ غلط هنڌ تان يوٽرن وٺڻ ۽ ٽريفڪ قانونن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي.

بقايا 36 | روزاني عبرت
مذاق وارو آهي ان سلسلي ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ سوشل ميڊيا تي سي سي ٽي وي فوٽيجز وائرل ٿي ويا هئا جنهن ۾ سائيڪل سوار نينگر پنڊ ويندڙ ناري کان موبائيل کسڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي اهڙي واقعي جو ايس ايس پي لاڙڪاڻو اظهر خان نوٽيس وٺندي سچل ٿاڻي جي ايس ايچ او رپورٽ طلب ڪري ورتي جنهن وڊيو ۾ ڊيڪاريل سي سي ٽي وي فوٽيجز بابت پنهنجي جاچ مڪمل ڪري ورتو آهي ان حوالي سان ايس ايس پي لاڙڪاڻو چيو آهي تہ جاچ موجب سائيڪل سوار نينگر ۽ رستي ويندڙ چوڪري پاڻ ۾ سئوٽ ۽ ماسات آهن جڏهن تہ ٻنهي وچ ۾ پيش آيل عمل رڳو پاڻ ۾ مذاق هو ايس ايچ او پاران ڪيل شروعاتي جاچ موجب واقعي ۾ ڦر يا جهيڙ هڻڻ جو ڪو بہ معاملو سامهون نہ آيو آهي سوشل ميڊيا تي واقعي کي ڦر يا جهيڙ هڻڻ قرار ڏئي گردش ڪندڙ خبرن ۾ ڪا بہ صداقت ناهي ايس ايس پي لاڙڪاڻو هدايتون جاري ڪندي چيو آهي تہ سوشل ميڊيا تي ڪنهن بہ واقعي بابت خبر يا وڊيو شيئر ڪرڻ کان اڳ ان جي حقيقتن جي تصديق ڪئي وڃي جيئن غير تصديق ٿيل اطلاعن ذريعي شهرين ۾ خوف ۽ هراس پيدا نہ ٿئي سوشل ميڊيا استعمال ڪندڙن کي اپيل ڪئي وئي آهي تہ غلط معلومات جي مشهوري ڪان پاسو ڪيو وڃي. لاڙڪاڻو پوليس عوام کي پڻ اپيل ڪئي آهي تہ سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ خبرن تي يقين ڪرڻ يا انهن کي اڳتي شيئر ڪرڻ کان اڳ لاڳاپيل آفيسرن ۽ ذميوارن کان ضرور تصديق ڪن

halan Microfinance Bank
سون جي زيورن جي عام نيلامي
هن اشتهار ذريعي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته حالان مائيڪروفنانس بئنڪ لميٽيڊ، پلاٽ نمبر 76، بلاڪ ڊي، يونٽ نمبر 07، لطيف آباد، حيدرآباد برانچ، سون جي زيورن جي عيوض اسد پنجابي (شناختي ڪارڊ نمبر: 41504-0480698-9)، رهائشي گهر واقع محلو درياهہ بند، ڪوٽڙي، جامشورو، حيدرآباد کي قرض ڏنو هو جيڪو مقرر مدي گذري وڃڻ ۽ بار بار ياد ڏيارڻ باوجود ادا نہ ڪيو ويو آهي تنهنڪري بئنڪ هيٺ ڏنل سون جي زيورن جو نيلام 16 آڪٽوبر 2026ع تي منجهند 1 وڳي پلاٽ نمبر 76، بلاڪ ڊي، يونٽ نمبر 07، لطيف آباد، حيدرآباد تي ڪندي. نيلاميءَ ۾ حصو وٺڻ جا خواهشمند فرد نيلاميءَ جا شرط ڄاڻڻ لاءِ وقت کان اڳ ڄاڻايل هنڌ تي پهچن ۽ مقرر وقت تي نيلاميءَ ۾ شرڪت کي يقيني بڻائين.
حالان مائيڪروفنانس بينڪ لميٽيڊ، پلاٽ نمبر 76، بلاڪ ڊي، يونٽ نمبر 07، لطيف آباد، حيدرآباد برانچ
زيورن جو تفصيل: هڪ عدد سون جي چين، لاڪيٽ، هڪ عدد ڪنن جون باليون. وزن: نيٽ وزن 7.2 گرام
بئنڪ بنا ڪو سبب ٻڌائڻ جي ڪنهن بہ واڪ ڏيندڙ جي آڇ منظور يا رد ڪري سگهي ٿي

halan Microfinance Bank
سون جي زيورن جي عام نيلامي
هن اشتهار ذريعي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته حالان مائيڪرو فنانس بئنڪ، دادو برانچ طرفان سون جي زيورن جي عيوض نويد علي بابر CNIC نمبر: 41201-2676871-3، رهائشي: محلو مورڪ پور دادو، نزد بابر هوٽل دادو کي قرض ڏنو ويو هو جيڪو مقرر مدي گذري وڃڻ ۽ بار بار ياد ڏيارڻ جي باوجود ادا نہ ڪيو ويو تنهنڪري، بئنڪ هيٺ ڏنل سون جي زيورن جي نيلامي 16 آڪٽوبر 2026 تي صبح 12:00 وڳي پلاٽ نمبر 54/1 بردر آباد هائوسنگ سوسائٽي، سيوهڻ روڊ دادو سنڌ تي ڪندي. نيلاميءَ ۾ حصو وٺندڙ خواهشمند فرد نيلاميءَ جا شرط ڄاڻڻ لاءِ وقت کان اڳ موقعي تي اچن ۽ مقرر وقت تي نيلاميءَ ۾ شموليت کي يقيني بڻائين.
پلاٽ نمبر 54/1 بردر آباد هائوسنگ سوسائٽي، سيوهڻ روڊ دادو سنڌ، برانچ
زيورن جا تفصيل: چار عدد واليون، هڪ عدد منڊي. نيٽ وزن 5.760 گرام
بئنڪ بغير ڪنهن سبب ٻڌائڻ جي ڪنهن بہ واڪ ڏيندڙ جي آڇ منظور يا رد ڪري سگهي ٿي

ٽنڊوباگو پرسان ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، نوجوان قتل، هڪ ڄڻو زخمي

ڪڍهرو پرسان ڳوٺ مصري ملاح ۾ زمين جي تڪرار تان ملاح برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو ٿيو

لٺين، ڪهاڙين ۽ مبينا فائرنگ ۾ اعجاز ولد عبدالستار ملاح مارجي ويو، سومار ملاح زخمي ٿي پيو

زخمي نازڪ حالت سبب حيدرآباد ريفر، پوسٽ مارٽم لاءِ مڙهه ٽنڊوباگو اسپتال منتقل

ٽنڊو باگو (ت ر) ٽنڊوباگو پرسان ڪڍهرو لڳ ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 20 ورهين جو نوجوان مارجي ويو، هڪ ڄڻو زخمي حيدرآباد منتقل | ٽنڊو باگو لڳ ڪڍهرو پرسان ڳوٺ مصري ملاح يوسي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: مڙس پاران تشدد جو نشانو بڻيل ناري اسپتال ۾ داخل آهي

سنڌالاجي ۾ "استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ فڪر جو جهان" ليڪچر پروگرام

مقررن استاد بخاري کي عوامي احساسن ۽ جذبن جو ترجمان شاعر قرار ڏئي ڇڏيو

استاد بخاري جي عوامي رنگ ۾ رچيل شاعري جهڙ جهنگ ۾ مقبوليت ماڻي: جامي چانڊيو

شاعرن ۾ پيٽ جي خلاف اُميدان ايازجي پنهنجي الڳ شاعراڻي اڏام ۽ بخاري جو پنهنجو انداز آهي

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان سنڌ جي عوامي شاعر استاد بخاري جي ورسي جي سلسلي ۾ "استاد بخاري جي شاعري ۾ فڪر جو جهان" جي موضوع تي ليڪچر پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ناميارا ليکڪ ۽ دانشور جامي چانڊيو خصوصي مهمان طور شريڪ ٿي موضوع جي مناسبت سان ليڪچر ڏنو اداري جي پير حسام الدين راشدي آڊيٽوريم ۾ منعقد ٿيل تقريب ۾ استاد بخاري جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي ڳالهائيندي جامي چانڊيو چيو ته ويهين صدي تحريڪن جي صدي آهي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو: دانشور جامي چانڊيو استاد بخاري بابت تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

خيرپور ۾ فرجن جي دڪان کي اوچتو باهه، لکين رپين جو سامان سڙي رک

خيرپور (د ر) خيرپور جي سٽيزن ڪالوني ۾ علي محمد سومرو ۽ الطاف حسين چانڊيو جي فرجن ۽ ايئرڪنڊيشنرن جي دڪان کي اوچتو باهه لڳي وئي جنهن سبب دڪان ۾ پيل سامان سڙي رک ٿي ويو جنهن ڪري لکين رپين جو نقصان ٿيو آهي باهه لڳڻ سبب دڪان ۾ موجود فرج ۽ ايئرڪنڊيشنر سڙي ويا. دوڪان ۾ پيل ايل پي جي سلينڊر ڦاٽڻ سبب ۾ علائقي ۾ خوف

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

رائيس ڪئنال ۾ وهنجڻ دوران 3 نينگر ٻڏي ويا، ٻن کي علائقي واسين بچائي ورتو، هڪ فوت

ممتاز ڪالوني واسي 3 نينگر رائيس ڪئنال ۾ وهنجڻ دوران ٻڏي ويا، نينگرن جي رڙين تي علائقي واسين پهچي ٻن کي بچائي ورتو

ريسڪيو1122 جي ٽيم آپريشن ڪري ٻڏي ويل ممتاز ڪالوني واسي 9 ورهين جي نينگر حسنين وڳڻ جو لاش ڪڍي وارثن حوالي ڪيو

اسان جو نينگر پاڙي جي ٻارن سان گڏجي رائيس ڪئنال ۾ وهنجڻ لاءِ ويو جتي هو ٻڏي فوت ٿي ويو: فوتي نينگر جا وارث

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي جي رائيس ڪئنال ۾ وهنجڻ دوران 3 نينگر ٻڏي ويا، ٻن نينگرن کي علائقي واسين بچائي ورتو هڪ نينگر رائيس ڪئنال ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو اطلاع تي ريسڪيو1122 جي ٽيم

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ اسٽال تان ناريون ڪتاب پسند ڪري رهيون آهن

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ وحشي مڙس ساهرن جي گهر ۾ داخل ٿي زال جون ڄنگهون ڀڃي ڇڏيون

عبدالمجيد گڏاڻي پنهنجي ڌي کي ڇڏائيندڙ سس تي به حملو ڪري کيس زخمي ڪري ڇڏيو

نياڻو رشتي ۾ پاڻيو به ٿئي، اوچتو گهر ۾ داخل ٿيو ۽ منهنجي ڇوڪري سندس زال مٿان حملو ڪيو: عورت جي ماءُ

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ علائقي هنگورا ڪالوني ۾ وحشي مڙس عبدالمجيد گڏاڻي مبينه طور پنهنجي ساهرن جي گهر ۾ داخل ٿي اتي موجود سندس زال ساجده پڃي مٿان اوچتو وحشياڻو تشدد ڪري سندس ڄنگهون ڀڃي ڇڏيون پنهنجي ڌي کي ڇڏائيندڙ سس تي به حملو ڪري کيس زخمي ڪري ڇڏيو واقعي خلاف متاثرن جو احتجاج جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو متاثرن زخمي عورت جي ماءُ دانهيندي الزام هنيو ته سندس نياڻو رشتي ۾ ڀائٽيو به ٿئي اوچتو گهر ۾ داخل ٿيو ۽ منهنجي ڇوڪري

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

پرياروڊ ۾ ڦر مزاحمت تان هٿياربندن هٿان شهري زخمي

گوشت مارڪيٽ پرسان هٿياربندن پورهيت لياقت آرائين کي يرغمال بڻايو

مزاحمت تي کيس اک ۽ ڪلهي ۾ گولي هڻي فرار، شهرين پاران ملزمن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

پرياسٽي (ن ع) پرياروڊ چورين ڦرن جو آزار وڌي ويو ڳوٺا شهري غير محفوظ بڻيل .پرياروڊ گوشت مارڪيٽ پرسان هٿيار بند ڦر دوران مزاحمت شهري کي سڌيون گوليون هڻي سخت مرٽنگ ڪري فرار ٿي ويا.واقعي بعد سوين شهري گڏ ٿي ويا.مزاحمت دوران زخمي جي سڃاڻپ ياسين ڪالوني واسي پورهيت لياقت علي آرائين طور ٿي آهي سلسلي ۾ زخمي لياقت آرائين ٻڌايو ته گوشت مارڪيٽ جي گهٽي کان شهر طرف اچي رهيو هيس ته هٿيار بند موٽرسائيڪل ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي ..مزاحمت دوران هٿيار بند هڪ گولي اک ۽ ٻي گولي سڌي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاه ڪريم: ايس ٽي پي سربراهه قادر مگسي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪنهن به سنڌ دشمن منصوبي کي هرگز ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين: نياز ڪالاڻي

سنڌ جو ٻچو ٻچو پنهنجي تاريخي وطن جي وحدت ۽ بقا لاءِ ميدان ۾ نڪرندو

وسيلن تي اوليت ڏيڻ بدران بالادستي قائم ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن

عوام وحدت سنڌ مارچ ۾ وڏ کان وڏ شرڪت ڪري قومي ٻڌيءَ جو ثبوت ڏئي

باڊهه (ن ع) سنڌ کي ٽڪرن ۾ ورهائڻ سنڌو درياهه تي مبينه غير قانوني ڪئنال تعمير ڪرڻ سنڌ جي قدرتي ۽ معدني وسيلن تي قبضي ۽ نون صوبن جي قيام سميت ڪنهن به سنڌ دشمن منصوبي کي هرگز ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين جيڪڏهن وفاق سنڌ کي ورهائڻ جي سازش ڪئي ته سنڌ جو ٻچو ٻچو پنهنجي تاريخي وطن جي وحدت ۽ بقا لاءِ ميدان ۾ نڪرندو ۽ پنجاب ڏانهن ويندڙ روڊ رستا ٽوڙي ريل گاڏيون بند ڪنداسين اهڙن خيالن جو اظهار جيئي سنڌ قومي محاذ (جسقم) بشير خان جي مرڪزي صدر ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي مرڪزي جنرل

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

باڊهه: جسقم بشير قريشي جو اڳواڻ نياز ڪالاڻي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

مورو مان چور دڪان جا تالا ٽوڙي لکين رپين جو سامان ٻهاري ويا

مورو (ن ع) مورو شهر جي مصروف ۽ ڪاروباري مرڪز مين روڊ تي واقع اعجاز اليڪٽرونڪس جي دڪان مان نامعلوم چور رات دير سان دڪان جو در پٽي بيٽريون چارجر سولر پليٽون ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا جنهن جي ماليت لکين رپيا ٻڌائي پئي وڃي واقعي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

مورو جي عدالت پاران جنسي زيادتي جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي قيد ۽ ڏنڊ جي سزا

مورو (ن ع) مورو جي ايڊيشنل سيشن جج جاويد حيدر ڦليپوٽو جي عدالت ڪنڊيارو واسڻ ناري سان جنسي زيادتي جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ڪيس ۾ نامزد جوابدار امجد ماڇي کي 14 سال قيد ۽ 3 لک ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي.

ڪيرو ويجهو ٽريڪٽر ٽرالي سان موٽرسائيڪل جو ٽڪر لڳڻ سبب هڪ ڄڻو فوت

هٽونگو روڊ تي حادثي جي نتيجي ۾ جاويد احمد ولد شوڪت علي قائم زخمي ٿي پيو

زخمي کي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي هن زخمن جا سور نه سهندي دم ڏنو

ڪيرو (ن ع) ڪيرو شهر جي هٽونگو روڊ تي حادثي جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار فوت ٿي ويو تفصيل موجب ڪيرو کان هٽونگو ويندڙ موٽرسائيڪل روڊ تي بيٺل ٽريڪٽر ٽرالي سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار جاويد احمد ولد شوڪت علي قائم سخت زخمي ٿي پيو زخمي کي علاج لاءِ تعلقي اسپتال ڪيرو منتقل ڪيو ويو، جتي هن زخمن جا سور نه سهندي دم ڏنو فوتي جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ۽ وارثن ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ گئس سلينڊر ڦاٽڻ سبب فوت ۽ زخمي ٿيلن جي وارثن طرفان مظاهرو، بک هڙتال

جي آءِ ٽي جي رپورٽ ظاهر نه ڪرڻ، ٽوڙي سرڪاري معاوضو نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي

16 ڊسمبر تي لهر ڪالوني واسي ريلوي پوليس جي رٽائرڊ ڊي ايس پي مختيار جتوئي جي گهر ۾ اوچتو ڌماڪو ٿيو هو

3 خاندانن جا 6 ڄڻا فوت ۽ 15 کان وڌيڪ ٻار، عورتون ۽ مرد سخت زخمي ٿيڻ سميت 5 گهر مڪمل طور تي ڊهي پٽ پئجي ويا هئا

واقعي کان پوءِ سنڌ حڪومت، ضلعي انتظاميه ٽوڙي چونڊيل نمائندن هن وقت تائين ڪا به مدد ناهي ڪئي ۽ نه ئي واقعي جون حقيقتون ٻڌايون آهن: وارث

شروعات ۾ دلاسا ڏنا ويا ته جي آءِ ٽي جوڙي آهي ۽ توهان سان تعاون ڪيو ويندو، پر ڪيترائي مهينا گذرڻ باوجود ڪو به حال پڇڻ ناهي آيو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ گذريل سال 16 ڊسمبر تي شهر جي لهر ڪالوني ۾ مبينا گئس سلينڊر ڦاٽڻ سبب 4 ٻارن سميت 6 ڄڻن ۽ 15 کان وڌيڪ زخمي ٿيلن جي وارثن طرفان جي آءِ ٽي جي رپورٽ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو پوليس پاران 11 جوابدارن کي گرفتار ڪري منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس منشيات فروشن ۽ سماجي برائين ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪارروائيون ڪندي 11 جوابدارن کي گرفتار ڪري گٽڪا ۽ شراب

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل: ايس يو بي سربراهه سيد زين شاهه گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

پنوعاقل پرسان ٽريڪٽر ٽرالي هيٺان اچي نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ چونگها ۾ پيش آيل حادثي ۾ غلام قادر پٽ ولي محمد چاچڙ زخمي ٿي پيو

زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل ڳوٺ چونگها ۾ افسوسناڪ حادثي ۾ موٽر سائيڪل سلپ ٿيڻ سبب نوجوان ٽريڪٽر ٽرالي هيٺان اچي فوت ٿي ويو فوتي نوجوان جي سڃاڻپ غلام قادر پٽ ولي محمد چاچڙ طور ٿي آهي. جيڪو ڳوٺ کان پنوعاقل شهر طرف اچي رهيو هو ته رستي ۾ موٽر سائيڪل سلپ ٿيڻ سبب ڪري پيو جنهن جي نتيجي ۾ پويان ايندڙ ٽريڪٽر ٽرالي کيس چيپاٽي ڇڏيو حادثي ۾ زخمي ٿيل نوجوان کي تعلقه اسپتال پنوعاقل منتقل ڪيو ويو

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ويجهو ٽرڪ ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

هنگورا روڊ تي پيش آيل حادثي ۾ 25 ورهين جو غلام مرتضيٰ ٽلاٽي تي دم ڏئي ڇڏيو

پوليس نوجوان جو لاش ڪٺاڻي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

شهدادپور (ن ع) شهدادپور هنگورا روڊ تي ٽرڪ ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ خطرناڪ حادثو جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار 25 ورهين جو نوجوان غلام مرتضيٰ ولد غلام مصطفيٰ ٽرڪ هيٺان اچي چيپاڻجي فوت ٿي ويو علائقي واسين سندس لاش سمس اسپتال شهدادپور جي مرده خاني ۾ آندو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي ڊاڪٽرن موجب ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويندو معلوم ٿيو آهي ته فوت ٿيل نوجوان شهدادپور پرسان ڳوٺ سومر فقير هنگورو جو رهواسي هو پٽي طرف

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي شهر جي مختلف علائقن مان 2 ٻار گم ٿي ويا

وارثن پاران بروقت اطلاع ڏيڻ تي پوليس ٻنهي ٻارن کي ڳولي ورتو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي مختلف علائقن مان 2 ٻار گم ٿي ويا، وارثن پاران بروقت اطلاع ڏيڻ تي پوليس سمورا وسيلا ڪتب آڻيندي گم ٿي ويل ٻنهي ٻارن کي ڳولي وارثن حوالي ڪري ڇڏيو ٻنهي ٻارن جي گهر پهچڻ تي گهر ڀاتين جا چهرا ٽهڪي پيا آهن ان سلسلي ۾ حيدري ٿاڻي جي حد مان 14 ورهين جو نينگر زين سومرو ۽ رحمت پور ٿاڻي جي حد مان 3 ورهين جي ٻارڙي لعل خاتون چانڊيو جي گم ٿيڻ جي اطلاع تي لاڙڪاڻو پوليس سمورا وسيلا ڪتب آڻيندي ٻنهي گم ٿيل ٻارن کي ڳولي وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ پرسان 12 ورهين جي نينگري مبينا طور پستول مان گولي لڳڻ سبب فوت

ڳوٺ خانپور جوڻيجو ۾ پورهيت امداد مشوري جي گهر اندر فائرنگ جو واقعو پيش آيو

نينگري بيگ مان پستول ڪڍڻ دوران اوچتو گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي، واقعو اتفاقي هو: چاچو

ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي، نينگري جو مڙهه ڳوٺ پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ پرسان نينگري مبينا طور پستول مان گولي ڇٽڻ ڪري فوت خبر موجب ڪڪڙ ٿاڻي جي حد ڳوٺ خانپور جوڻيجو ۾ پورهيت امداد مشوري جي گهر اندر پراسرار نموني مبينا پستل مان فائر

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ: فوت ٿيل عورت جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

نيوسعيدآباد ٽول پلازا ويجهو ٽرالر جي ٽڪر ۾ هڪ ڄڻو فوت، عورت سخت زخمي

عبدالڪريم رڏ موقعي تي فوت ٿي ويو، سندس زال مسمات حاجران زخمي ٿي پئي

پوليس ڊرائيور کي گرفتار ڪري حادثي ۾ ملوث ٽريلر پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

ڀٽ شاهه (ن ع) نيوسعيدآباد ٽول پلازا ويجهو ٽرالر جي ٽڪر ۾ هڪ ڄڻو فوت ۽ هڪ عورت سخت زخمي ٽرالر ڊرائيور گرفتار نيوسعيد آباد ٽول پلازا ويجهو ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر نتيجي ۾ عبدالڪريم رڏ موقعي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته سندس زال مسمات حاجران زخمي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

راڻي پور: رهواسي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيون آهن

هالاڻي ۾ عورت جو ڌيءَ جي ساهورن خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

هالاڻي (ن ع) ڌي جي بازيابي لاءِ قرآن پاڪ کڻي ٿاڻي اڳيان عورت جو سخت احتجاج هالاڻي ۾ ڪنول رند نالي عورت پنهنجي ڌي جي بازيابي لاءِ قرآن پاڪ کڻي ٿاڻي اڳيان روڊ تي ويهي سخت احتجاج ڪيو ميڊيا اڳيان دانهيندي ڪنول رند چيو ته مون پنهنجي ڌي جي شادي ڳبول برادري ۾ ڪرائي هئي پر ڪافي عرصي کان مون کي پنهنجي ڌي سان ملڻ به نه ٿيو ڏنو وڃي هن الزام لڳايو ته سندس

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

راضيديرو ۾ جتوئي برادري جو ٻاڻن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ اسحاق جتوئي واسين احمد علي، سونو گلاب ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڪلهوڙا برادري جا ماڻهو ڳوٺ تي چڙهائي ڪري مينهون ڪاهي ويا آهن، پوليس فرياد نٿي ٻڌي

راضيديرو (ن ع) ڪچي جي ڳوٺ اسحاق جتوئي جي ڳوٺاڻن احمد علي جتوئي سونو جتوئي مولوي گلاب جتوئي .صديق جتوئي ۽ ٻين جو ڪلهوڙا برادري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي صحافين اڳيان دانهيندي چيو ته امير علي ولد غلام ڪلهوڙو نهال ڪلهوڙو عرفان ڪلهوڙو پورل ڪلهوڙو صدام ڪلهوڙو ڪرڙل شهمير شهزادو گلاب مهمير ٻانهون ياسين ڦهيم ۽ ٻيا نامعلوم هٿيار بند ساٿ ڪري ڳوٺ تي چڙهائي ڪري هٿيارن جي زور تي گهر ڀاتين کي يرغمال بڻائي 28 مينهون ڦر ڪري ڪاهي ويا.ياد رهي ته ڪجهه وقت

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو: فوت شخص جو لاش سندس گهر ۾ پيل آهي

ٽنڊوباگو پرسان موٽرسائيڪل ٽرالي سان ٽڪرائجي وئي، نوجوان فوت، ٻيو زخمي

حادثي ۾ ٽنڊوباگو شهر واسي زبير احمد ميمڻ موقع تي فوت، شعيب سخت زخمي ٿيو

زخمي نوجوان کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد منتقل ڪيو ويو، ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي

ٽنڊوباگو (ت ر) گذريل رات دير ٽنڊوباگو لڳ موٽر سائيڪل جو ٽرالي ۾ ٽڪر ٿيڻ سبب روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل ٽنڊوباگو شهر واسي نوجوان زبير احمد ميمڻ فوت ٿي ويو جڏهن هڪ نوجوان شعيب سخت زخمي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۽ پرياسي مختلف حادثن ۽ واقعن ۾ 13 ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

مختلف روڊ حادثن ۾ عامر، سني، ساڄن، اسد الله، انور ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

جهيڙي دوران زخمي اڪرم ۽ ڪتي جي چڪ سبب بابر کي اسپتال آندو ويو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۽ پرياسي موٽرسائيڪلن ۽ چنگچي رڪشائن جي ٽڪر ۾ عامر . سني . ساڄن . اسد الله . محمد انور . پهلوان . صدام حسين . راجيش . رحمان . شاهجهان ۽ وقاص زخمي ٿي پيا ٻن ڌرين جي جهيڙي دوران نوجوان اڪرم زخمي ٿي پيو جڏهن ته بابر خان کي چٽي ڪتي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو سمورن زخمين کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو.

لاهور: ناريون خطاطي ڪري رهيون آهن

ڪوٽڙي ۾ رهندڙ به نياڻيون موذي مرض ۾ مبتلا هلڻ ڦرڻ کان لاچار

پيڻرون 7 سالا بسما، 8 سالا صائمه اٽيڪسيا جي خطرناڪ بيماري ۾ مبتلا ٿي ويون

پيڻرون روز جيئڻ روز مرڻ ٿيون سنڌن سڀ خواهشون جڻ جيئري دفن ٿي ويون هجن: پاءُ

ڊي ايڇ ڪيو اسپتال جي ايم ايس برڪت لغاري نياڻين جي بيماري جو نوٽيس ورتو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي ۾ رهندڙ به نياڻيون موذي مرض ۾ مبتلا هلڻ ڦرڻ کان لاچار ماڻٽ غربت سبب علاج نه ڪرائي سگهيا . ڊي ايڇ ڪيو اسپتال جي ايم ايس برڪت لغاري نياڻين جي بيماري جو نوٽيس ورتو ڪوٽڙي جون ٻه معصوم نياڻيون 7 سالا بسما، 8 سالا صائمه جيڪي پاڻ ۾ رشتي ۾ ڀيڻرون ٿيون اٽيڪسيا (Ataxia) جي خطرناڪ بيماري ۾ مبتلا ٿي ويون بيماري سبب هٿي پيئرون هلڻ ڦرڻ کان لاچار . غربت سبب والدين علاج نه ڪرائڻ سبب بيماري جڙ پڪڙي ورتي جنهن سبب گهر ڀاتي نياڻين جي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ميرپورساڪيلو: انڊس ويلي جي پلانٽنگ اسڪيم تي هٿياربند ويٺل نظر اچي رهيا آهن

ميرپور ماٿيلو لڳ غلط انجيڪشن لڳڻ سبب معصوم ٻارڙو فوت، وارثن پاران ڊاڪٽر تي غفلت جو الزام

جروار ۾ عطائي ڊاڪٽر پاران انجيڪشن هڻڻ سبب 7 ورهين جو ثقلين ملڪ فوت ٿي ويو

عطائي ڊاڪٽر عزيز مرچي پاران غلط انجيڪشن هڻڻ سبب ٻارڙي جو موت واقع ٿيو آهي: وارث

سيڪريٽري هيلٿ واقعي جو نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪري

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ڊي ايڇ او هيلٿ ۽ گهوٽڪي راڻو آفتاب ۽ ڊائريڪٽر هيلٿ ڪيئر ڪميشن سکر جو

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيل قومن جي ترقياتي پروگرام جي وفد جي ڊي سي لاڙڪاڻو سان ملاقات

"ٻوڏ کان بحالي واري پروگرام" تحت جاري ۽ ايندڙ قدمن تي خيالن جي ڏي وٺ

ڪنڊيل قومن لاڙڪاڻي ۾ ڪيترائي نوان منصوبا شروع ڪري رهي آهي: انجنيئر شاهده

سنڌ حڪومت بهتر انداز ۾ ڪنڊيل قومن جي ويزن سان هم آهنگ آهي: طارق منظور چانڊيو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) ڪنڊيل قومن جي ترقياتي پروگرام جي وفد انجنيئر شاهده جي اڳواڻيءَ ۾ فني ٽيم جي ارشد علي ميمڻ ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو طارق منظور چانڊيو سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي جنهن ۾ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ "ٻوڏ کان بحالي واري پروگرام" تحت جاري ۽ ايندڙ قدمن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ لاڙڪاڻي جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ذاڪر حسين گوپانگ ۽ لاڳاپيل کاتن جا

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪوٽ ڏيجي ۾ وڌندڙ بدامني ۽ ڦر جي وارداتن خلاف شهرين پاران احتجاجي ڌرڻو

اولڊ نيشنل هاءِ وي تي احتجاجي ڌرڻي سبب گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون

علائقي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي

خيرپور (د ر) ڪوٽ ڏيجي ۾ وڌندڙ بدامني خلاف شهرين جو احتجاج، ميرواهه پل تي ڌرڻو قومي شاهراهه بلاڪ تفصيل موجب ڪوٽ ڏيجي ۾ وڌندڙ بدامني ۽ ڦر جي وارداتن خلاف شهرين پاران اولڊ نيشنل هاءِ وي تي ميرواهه پل وٽ احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو جنهن سبب روڊ بلاڪ ٿي ويو ۽ ٽريفڪ جي رواني سخت متاثر ٿي گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون جڏهن ته مسافرن کي پڻ پريشانين کي منهن ڏيڻو پيو احتجاج ڪندڙ شهرين جو چوڻ هو ته

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

پٿورو: زرعي زمين تي قبضي جي ڪوشش خلاف نوجوان جو احتجاج، انصاف جو مطالبو

پٿورو (ن ع) پٿورو پرسان ڳوٺ الهڏنو سري جو رهواسي مير محمد پٽ گل سري پاران سندس چاچو شوڪت سري ابوبڪر سري مامو صوبدار سري جي ڏيادتين خلاف پٿورو پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي: ڪوروواهه واسي جو پوليس تي رشوت وٺي جوابدار آزاد ڪرڻ جو الزام، انصاف جو مطالبو

گولاڙچي: ڪوروواهه واسي خير بخش ڪوسو تي وي جرنلسٽ ڪلب گولاڙچي پهچي پريس

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: قاسم آباد جي علائقي ۾ هٿ آيل نامعلوم معصوم ٻارڙي

ڪنڀٽ جي هاءِ اسڪول مان پاڻي وارو موٽر سميت سامان چوري، شهرين جو احتجاج

شهرين ڪاروبار بند ڪري شيخ چوڪ مظاهرو ڪري جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو

ايس ايڇ او مظاهرين وٽ پهچي چور کي گرفتار ڪرڻ جو يقين ڏيارڻ تي احتجاج ختم

ڪنڀٽ (ت ر) ڪنڀٽ جي مراد هاءِ اسڪول جي گرائونڊ مان پاڻي وارو موٽر سميت ٻيو سامان چوري ڪندڙ جوابدار کي پوليس پاران آزاد ڪرڻ خلاف شهرين جو شيخ چوڪ جو ڪاروبار بند ڪري احتجاجي مظاهرو. چڏيل چور کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو واپاري اڳواڻ نعمت شيخ ٻڌايو ته پوليس چور کي پڪڙي پئسن عيوض آزاد ڪيو پوليس ڏوهارين سان هٿ ٺوڪيل آهي جنهن ڪري شهر ۾ امن خواب بڻيل آهي احتجاج ڪندڙ شهرين واپاري آءِ جي سنڌ ،ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته فلفور ڇڏيل چور کي گرفتار

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي جي بهار ڪالوني ۾ حدڏخلين خلاف آپريشن، رڪاوٽون هٽايون ويون

مارڪيٽ ڪميٽي جي نگراني ۾ بازار اندر حدڏخلين ۽ ريڙهن کي هٽايو ويو

رڪاوٽون هٽڻ کان پوءِ بازار اندر رونق بحال، فيمليز ۾ خوشي جي لهر

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي واپاري مرڪز بهار ڪالوني ۾ حد ڏخلين جو آزار ،عوام جي شڪايتن تي پوليس جو ائڪشن خورشيد پوليس پوسٽ جو انچارج پير وحيد ۽ مارڪيٽ ڪميٽي بهار ڪالوني جي نگراني ۾ بازار اندر حد ڏخلين ۽ ريڙهن هلائڻ وارن خلاف ڪارروائي ڪري بازار اندر رڪاوٽون هٽائي ڇڏيون. رڪاوٽن هٽڻ کان پوءِ بازار اندر رونق بحال ٿي وئي فيمليز ۾ خوشي جي لهر ڊوڙي وئي جڏهن ته ٽريفڪ جو رستو به بحال ٿي ويو پوليس پوسٽ انچارج جو چوڻ آهي ته ڪارروائي جو مقصد بازار جي رونق بحال ڪرڻ آهي جنهن سان ٽريفڪ

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

فيض گنج ويجهو ويهو واهه کي 24 ڪلاڪن دوران ٻيو ڀيرو گهارو

آرارو وٽ لڳل گهاري کي علائقي واسين پنهنجي مدد پاڻ بند ڪيو

ويهو واهه ۾ لڳاتار گهارا پوڻ سبب ڏکيائيون وڌي ويون آهن، نوٽيس ورتو وڃي: رهواسي

خيرپور (د ر) خيرپور: فيض گنج جي علائقي آرارو وٽ ويهو واهه کي 24 ڪلاڪن دوران ٻيو ڀيرو گهارو پئجي ويو جيڪو لڳ ڀڳ 20 فوٽ ويڪرو ٻڌايو پيو وڃي. جنهن سبب ڪيهر جو تيار فصل پاڻي هيٺ اچي ويو آهي علائقي واسين موجب گهاري پوڻ سبب آبادگارن کي وڏي نقصان جو خدشو آهي علائقي واسين جو چوڻ آهي ته ويهو واهه کي ٻيو ڀيرو گهارو پوڻ باوجود آبپاشي کاتي جو عملو گهارو بند ڪرڻ لاءِ وقت سر نه پهتو جنهن سبب مقامي ماڻهو پنهنجي مدد پاڻ تحت گهاري کي بند ڪرڻ ۽ وڌيڪ نقصان کان بچڻ لاءِ ڪوششون ڪري

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي پرسان مبينہ زميني تڪرار تان جهيڙو، فائرنگ، نوجوان عورت زخمي، وارثن جو ڌرڻو

بقاپور ٿاڻي جي حد ڳوٺ نواب خان لهر ۾ لهر ذات جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو، فائرنگ ۾ لال زادي زال سهراب لهر زخمي ٿي پئي

زخمي عورت کي وارثن ڪٽ تي کڻائي واقعي خلاف ايس ايس پي چوڪ بلاڪ ڪري ڌرڻو هنيو، ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ جام ٿي وئي

غلام مصطفيٰ لهر ڏوهاري آهي، علائقي ۾ چورين ڪرائيندو آهي، هن هٿياربندن سان گڏجي اسان جي گهر تي حملو ڪري فائرنگ ڪئي: مير محمد لهر

جاچ موجب واقعو زرعي زمين جي تڪرار تان پيش آيو آهي، مختلف رخن کان جاچ ڪئي پئي وڃي، جلد حقيقتون سامهون اچي وينديون: بقاپور پوليس

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان مبينا زميني تڪرار تان جهيڙو، فائرنگ ۾ نوجوان عورت زخمي، وارثن جو ايس ايس پي چوڪ بلاڪ ڪري ڌرڻو واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاريءَ جو مطالبو پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي پرسان بقاپور ٿاڻي جي حد ڳوٺ نواب خان لهر ۾ لهر ذات جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن فائرنگ جي نتيجي ۾ گولي لڳڻ سبب نوجوان عورت لال زادي زال سهراب لهر سخت زخمي ٿي پئي جنهن کي وارثن ڪٽ تي کڻائي واقعي خلاف ايس ايس پي چوڪ بلاڪ ڪري ڌرڻو هنيو جنهن سبب ايندڙ

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: ٽرالر جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل عورت روڊ تي پيل آهي

اڪري چودگي ويجهو ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، عورت زخمي، اسپتال داخل

گمبٽ (ت.ر) اڪري چودگي مهراڻ هاءِ وي روڊ تي خوفناڪ حادثو موٽر سائيڪل مٿان ٽرالر چڙهي ويو هڪ عورت شديد زخمي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ گمس گمبٽ اسپتال منتقل اڪري چودگي مهراڻ هاءِ وي روڊ تي تيز رفتار ٽرالر موٽر سائيڪل مٿان چڙهي ويو جنهن جي نتيجي ۾ مورو واسڻ دعا سولنگي سخت زخمي ٿي پئي جنهن کي فوري طور تي گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو ويو آهي

خيرپور ۾ صحافي ثاقب صديقي جي پٽ تي تشدد خلاف احتجاجي مظاهرو

قلم ڏٺين خان محمد خان، عبدالمجيد پنهور، عابد بلوچ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

جيڪڏهن جوابدار کي جلد گرفتار نه ڪيو ويو ته ان خلاف سخت احتجاج ڪيو ويندو

خيرپور (د ر) خيرپور ۾ پريس ڪلب خيرپور جي ميمبر صحافي ثاقب صديقي جي پٽ عبدالاحد صديقي تي مبينا حملي ۽ تشدد واري واقعي خلاف صحافين پاران احتجاج ڪيو ويو جڏهن ته واقعي جو اطلاع ملڻ بعد بي سيڪشن ٿاڻي تي اين سي داخل ڪئي وئي آهي واقعي ۾ ملوث جوابدار واقعي بعد فرار ٿي ويو جيڪو گرفتار نه ٿي سگهيو آهي هوڏانهن پريس ڪلب خيرپور جي سرپرست اعليٰ ۽ ريجنل يونين آف جرنلسٽس اتر سنڌ جي صدر خان محمد خان، ريجنل يونين آف جرنلسٽس سکر ڊويزن جي صدر عبدالمجيد پنهور، عابد

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پريس ڪلب روڊ تي پورهيت ڪانن مان موڙا ٺاهي رهيو آهي

ڪيرو لڳ باز پڪڙي وڪرو ڪندڙ 6 جوابدارن خلاف ڪيس داخل

وائلڊ لائيف عملدار حسين بخش ڪوسو جي فرياد ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو

مختلف علائقن مان شڪارين 14 باز پڪڙي غيرقانوني طريقي سان وڪرو ڪيا آهن: ڏوهها

ڪيرو (ن ع) چوڪيدارين جي ايتيار واري علائقي مان 5 ڏينهن اڳ پڪڙيل بحري باز جيڪا 45 لک روپين عيوض ڪراچي جي واپاري کي وڪرو ڪرڻ واري واقعي جو شڪاري ٽولي جي ممتاز شر افضل شر

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

آراضي ۾ موٽروي پوليس پاران روڊ سيفٽي بابت آگاهي پروگرام

انسپيڪٽر طاهر شاگردن کي احتياطي تدبيرن ۽ ٽريفڪ قانونن بابت آگاهي ڏني

موٽرسائيڪل هلائڻ وقت هيلمٽ پائڻ، رفتار مقرر حد ۾ رکڻ ضروري آهي: انسپيڪٽر طاهر

سيوهڻ (ن ع) گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول آراضي ۾ موٽروي پوليس پاران روڊ سيفٽي ۽ ٽريفڪ قانونن بابت شاگردن ۾ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ٻارڙي کي اغوا ڪرڻ جي الزام هيٺ آيل جوابدار پوليس ۾ ٻڌل آهي

خيرپور پوليس جو ڪچي جي علائقن ۾ سرچ آپريشن، 11 روپوش جوابدار گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

پريالو ۽ فيض محمد ٻنڊو جي ٻيلن ۾ جديد مشينري ۽ بڪتر بند گاڏين سرچ آپريشن ڪيو ويو: ايس ايس پي

آپريشن دوران مير محمد لنڊ، عبيد جسڪاڻي، نظر ملاح، لياقت شر نويد شر ۽ زاهد گوپانگ ۽ ٻين کي گرفتار ڪيو

جيڪڏهن ڪو ڏوهاري پاڻمرادو قانون آڏو پيش ٿيندو ته ان سان قانون موجب ورتاءُ ڪيو ويندو

خيرپور (رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور ۾ ايس ايس پي امير سعود مگسي جي اڳواڻي ۾ پوليس فورس پاران ڪچي جي علائقن پريالو ۽ فيض محمد ٻنڊو جي ٻيلن ۾ سرچ آپريشن ڪيو ويو جنهن دوران 11

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: حيدرآباد ويلفيئر ايسوسيئيشن طرفان نابينن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي سفيد لٺون ورهايون پيون وڃن

لاڙڪاڻي ۾ پورهيت جو بيمار پٽ کي ڪٺي سرڪاري علاج لاءِ احتجاج

منهنجي 14 ورهين جي پٽ حسين بخش جو پير خراب ٿيل آهي: يونس جتوئي

ڊاڪٽرن لکين روپيا خرچ ٻڌايو آهي، جيڪو غربت سبب پري نه ٿو سگهان

پيپلز پارٽي قيادت، سنڌ حڪومت پٽ جو علاج ڪرائي زندگي بچائين

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي بهارپور پاڙي جي رهواسي پورهيت پنهنجي بيمار پٽ سان گڏجي سندس سرڪاري خرچ تي علاج لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي پورهيت محمد يونس جتوئي پنهنجي پٽ حسين بخش جتوئي سان گڏجي دانهيندي چيو ته گذريل مهيني کان وٺي منهنجي 14 ورهين جي پٽ حسين بخش جو پير خراب ٿيل آهي جنهن کي لاڙڪاڻي جي ڊاڪٽرن کي ڏيکاريو آهي. ڊاڪٽرن نينگر جي علاج ۽ آپريشن تي لکين روپيا خرچ ٻڌايو آهي جيڪو غربت

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ ڳوناڻي جو گهرڀاتين سميت ٻاٿرن جي زيادتين خلاف احتجاج

ڳوٺ تڳيل سولنگي واسي پورهيت عزيزالله سولنگي پريس ڪلب

ٻاٿرن زمين تي قبضي لاءِ پٽ کي زخمي ڪيو آهي، انصاف ۽ تحفظ

مورو (ن ع) مورو پرسان ڪچي جي ڳوٺ تڳيل سولنگي واسي پورهيت عزيزالله سولنگي جي زمين تي ٻاٿرن پاران قبضي جي ڪوشش، مزاحمت تي لٺيون هڻي پورهيت جي نوجوان پٽ منظور سولنگي کي زخمي ڪري وڌو اهڙي عمل خلاف پورهيت پنهنجي زال شهزادي سولنگي سان گڏجي مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاج بعد پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان جي ڪچي جي ڳوٺ جي ديهه ڪوڪر ۾ زرعي زمين سروي نمبر ۾ ڇهه ايڪڙ 8

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: 5 ورهين جي نياڻي سان زيادتي ڪندڙ جوابدار ۽ طرف زيادتي جو نشانو بڻيل نينگري سندس امڙ سان گڏ

ٽنڊو محمد خان ۾ 5 ورهين جي معصوم نياڻي سان مبينه زيادتي جي ڪوشش، جوابدار گرفتار

شهر پرسان ايوب ڪنڊرا اسٽاپ لڳ پيٽرول پمپ پرسان معصوم 5 سالا نياڻي صائمه ڌي اصغر لاشاري سان جوابدار مبينا زيادتي جي ڪوشش ڪئي

مبينه زيادتي جي ڪوشش دوران رڙين تي پيٽرول پمپ جي چوڪيدار ۽ ٻين عملي فوري طور تي جوابدار بلاول پٽ خير محمد لاشاري کي پڪڙي ورتو

نياڻي سان زيادتي ڪندڙ جوابدار سنڌن ويجهو مائٽ ٻڌايو وڃي پيو، وارث ڪراچي کان پهچن ان بعد ڪيس داخل ڪيو ويندو: پوليس

بي سيڪشن پوليس اهلڪارن معصوم نياڻي کي ميڊيڪل معائني لاءِ سول اسپتال آندو ڊاڪٽرياڻين پاران ميڊيڪل ٽيسٽ ٿيو

واقعي جي اطلاع تي پوليس ۽ زليخان فائونڊيشن جي چيئرمين رضيا سهتو سفٽ ٽيم ۽ علائقي واسين نياڻي کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو

ٽنڊو محمد خان (د ر) ٽنڊو محمد شهر پرسان ايوب ڪنڊرا اسٽاپ لڳ پيٽرول پمپ پرسان معصوم 5 سالا نياڻي صائمه ڌي اصغر لاشاري کي مبينا زيادتي جي ڪوشش دوران رڙين تي پيٽرول پمپ جي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ناري کان مبينہ ڦر وارو معاملو ٻن سئوڻ ۾ مذاق نڪتو، ايس ايس پي طرفان رپورٽ طلب

ڪجهه ڏينهن اڳ سائيڪل سوار نينگر طرفان ناري کان ڦر ڪرڻ جي ڪوشش واري وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي هئي

وائرل ٿيل فوٽيجز ۾ سائيڪل سوار نينگر پنڌ ويندڙ ناري کان موبائيل کسڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

واقعي جو ايس ايس پي اظهر خان نوٽيس وٺندي سچل ٿاڻي جي ايس ايڇ او کان رپورٽ طلب ڪري ورتي

سائيڪل سوار نينگر ۽ رستي ويندڙ ڇوڪري پاڻ ۾ سئوٽ ۽ ماسات آهن، ٻنهي وچ ۾ پيش آيل عمل رڳو پاڻ ۾ مذاق هو: ايس ايس پي

سوشل ميڊيا تي ڪنهن به واقعي بابت خبر يا وڊيو شيئر ڪرڻ کان اڳ ان جي حقيقتن جي تصديق ڪئي وڃي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سائيڪل سوار نينگر طرفان ناري کان مبينا طور ڦر ڪرڻ جي ڪوشش واري وڊيو وارو معاملو ايس ايس پي لاڙڪاڻو نوٽيس ورتي پوليس موجب واقعي ڦر نه پر ٻن سئوٽن وچ ۾

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: اي پي پي ايم ڊي جرمني جي سفير کي شيلڊ ڏئي رهي آهي

اسلام آباد: وفاقي وزير جام ڪمال خان ايٿوپيا جي سفير کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.